# مشهور سنڌي قصا

## عشقيه داستان ڍول - مارو



NBG

شيخ شوڪت علي اينڊ سنز
بندر روڊ - ڪراچي

لوڪ ادب سلسلي جو ٻٽيهون ڪتاب

# مشهور سنڌي قصا - ٨

## عشقيه داستان: ڍول - مارو

مرتب
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
صدر شعبهٔ تعليم، سنڌ يونيورسٽي
۽
ڊائريڪٽر لوڪ ادب اسڪيم
سنڌي ادبي بورڊ

سنڌي ادبي بورڊ
حيدرآباد سنڌ
پاڪستان
١٩٦٩ع

ڇاپو پھريون      سال ١٩٦٩ع      ڪاپيون هڪ هزار

سنڌي ادبي بورڊ جا حق ۽ واسطا قائم

قيمت [redacted] رپيا

ملڻ جو هنڌ

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال،
امين منزل، گاڏي کاتو،
حيدرآباد (سنڌ)

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس تلڪ چاڙهي، حيدرآباد ۾ ڇپيو؛ ۽ ڊاڪٽر اسدالله شاهه "حسيني"، اعزازي سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ جي آفيس امين منزل، گاڏي کاتو، حيدرآباد سنڌ مان شايع ڪيو.

شيخ شوڪت علي اينڊ سنز

# مهاڳ

سنڌ جي 'لوڪ ادب' جي سهيڙڻ لاءِ هڪ تفصيلي تجويز، سنہ ١٩٥٥ع ۾ 'سنڌي ادبي بورڊ' جي سامهون رکي ويئي، جا ١٩٥٦ع جي آخر ڌاري بورڊ بحال ڪئي، ۽ ان جي عملي نگراني ۽ تڪميل بنده جي حوالي ڪئي.

ان تجويز مطابق، جنوري ١٩٥٧ع کان لوڪ ادب سهيڙڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو؛ انهيءَ سلسلي ۾ تعلقيوار ڪارڪن مقرر ڪيا ويا ته ڏنل هدايتن موجب، ڀرپاسي مان مواد گڏ ڪري موڪلين. سنڌ يونيورسٽي ۾ 'سنڌي لغت آفيس' سان گڏ 'لوڪ ادب' جي مرڪزي آفيس قائم ڪئي وئي، ۽ ڪارڪن مقرر ڪيا ويا، ته مقامي طور گڏ ڪيل، توڙي ٻاهران آيل مواد کي هدايتن موجب ورچي ورهائي، پوءِ صاف ڪري ڇپائڻ لائق بنائين.

پهريان ٻہ سال، ١٩٥٧ع ۽ ١٩٥٨ع، لوڪ ادب جي مواد سهيڙڻ ۾ صرف ٿيا. انهيءَ عرصي ۾ تعلقيوار ڪارڪنن، ڳوٺن مان گهربل ڳالهيون هٿ ڪيون؛ مرڪزي آفيس جي عملي ڇاپيل ڪتابي ذخيري مان ضروري مواد آتاريو؛ ۽ بنده ڪوشش ڪري سنڌ جي هر ڀاڱي جو گشت ڪري سڄاڻ سگهڙن سان ڪچهريون ڪيون، ۽ عام سنڌي ادب جي هر پهلوءَ کي سمجهڻ، ۽ ان جي خاص ذخيري کي قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انهيءَ سعي ۽ همت، بلڪ جذبي ۽ محبت سان قدري ايترو مواد گڏ ٿيو، جو ان جي آڌار تي عام سنڌي ادب جي هر ڀاڱي بابت نموني طور هڪ ڪتاب مرتب ڪري سگهجي. ڪتابن جي تاليف جو سلسلو ٽئين سال ١٩٥٩ع کان شروع ڪيو ويو.

هت ٻه ڳالهيون واضح ڪرڻ ضروري آهن:

پهريون ته هن تجويز موجب، سنڌي ٻوليءَ جي عام ادب جون اهي جملي جنسون، جيڪي هن وقت تائين ٻهراڙيءَ جي عوام ۾ عام مقبول ۽ مروج آهن، تن کي 'لوڪ ادب' جو ذخيرو تسليم ڪيو ويو آهي. انهيءَ ذخيري ۾ سنڌي ادب جون معياري جنسون پڻ شامل آهن. مثلاً: مداحون، مولود، ٿيهه اکريون، ڪافيون وغيره، مگر جيئن ته اهي هن وقت تائين ٻهراڙيءَ ۾ عام مقبول ۽ مشهور آهن، انهيءَ ڪري انهن کي پڻ 'لوڪ ادب' جي دائري ۾ شمار ڪيو ويو آهي. انهيءَ لحاظ سان، هن تجويز هيٺ گڏ ڪيل 'لوڪ ادب' کي بعينه، 'فوڪ لور' (Folklore) جي مغربي مفهوم سان تعبير ڪرڻ صحيح نه ٿيندو. اسان جي ملڪ ۾ شهري زندگي اڃا ايتري وسعت يا خاص نوعيت اختيار نه ڪئي آهي، جو اها خواص جي زندگي ۽ تمدن جو يا 'معياري ادب' جو سرچشمو بڻجي. سنڌي زندگيءَ جو مرڪزي دائرو اڃا تائين ڳوٺ آهي، ۽ انهيءَ ڪري سنڌي ادب جو وڏو ذخيرو اهوئي آهي، جو عوام جي زندگيءَ جو آئينو آهي. انهيءَ ڪري هن مرحلي تي سنڌي ٻولي جي 'لوڪ ادب' ۽ 'معياري ادب' جي وچ ۾ حد فاصل قائم ڪري نٿي سگهجي.

ٻيو ته هن تجويز ذريعي 'لوڪ ادب' جو سمورو مواد گڏ نه ٿي سگهيو آهي، ان کي سهيڙڻ لاءِ وڏي وقت ۽ ڪافي ذريعن جي ضرورت آهي. لوڪ ادب جو سچو ذخيرو سربستو گڏ ڪرڻ، ڄڻ اٿاهه سمنڊ سوجهي مڙني موتين ۽ مالڪن کي ميڙڻ برابر ٿيندو، جو لاممڪن آهي. البت جو ڪجهه مواد گڏ ٿي سگهيو آهي، سو لوڪ ادب جي هرجنس بابت مثالي مواد آهي. انهيءَ لحاظ سان هن تجويز هيٺ تاليف ڪيل ڪتاب اميد ته آئنده ڪوشش لاءِ نمايان نشان ۽ نيڪ فال ثابت ٿيندا.

'لوڪ ادب تجويز' جيتوڻيڪ بنده جي طرفان ٿي، مگر ان جي عملي سربراهي توڙي تڪميل ۾ گهڻن ئي مخلصن جون ڪوششون

شامل آهن. اول ته 'سنڌي ادبي بورڊ' جي ميمبرن کي جس ڄڃائي، جن هن تجويز کي سنه ١٩٥٦ع ۾ منظور ڪيو. ان بعد گهربل مواد گڏ ڪرڻ ۽ صاف ڪرڻ، ترتيب ڏيڻ، ابتدائي مسودا توڙي پريس ڪاپيون تيار ڪرڻ، ۽ آخر ۾ ڪتابن ڇپائڻ ۾ ڪيترائي ساٿي پاڻهن ڀيلي ٿيا آهن. هن تجويز کي ڪامياب بنائڻ ۾ تعلقيوار ڪارڪن، مرڪزي آفيس جي باهمت فردن، سنڌ جي سڄاڻ سگهڙن، توڙي انهن مڙني دوستن جو حصو آهي، جن بنده لاءِ سگهڙن کي گولي هٿ ڪرڻ ۽ ساڻن ڪچهريون ڪرڻ ۾ پنهنجي طرفان هڙان وڙان مدد ڪئي.

مجموعي طرح سان هيءُ ڪتاب لوڪ ادب سلسلي جو **پنجٽيهون** ڪتاب آهي. ان جو بنيادي مواد جولاءِ ١٩٥٨ع تائين گڏ ٿيو، سڄي مواد کي ڇڪاسي، مختلف روايتن کي ڀيٽي، ترتيب ڏني جون ١٩٦٥ع ۾ ڪتاب جو مسودو تيار ڪيو ويو. مسودي جي آخرين تصحيح سان صاف ڪاپي، جا هن وقت (جولاءِ ١٩٦٨ع) پريس ۾ موڪلجي ٿي، سا هن کان گهڻو اڳ ڇپجي وڃي ها، مگر بدقسمتيءَ سان لوڪ ادب تجويز کي پوري ڪرڻ ۾ رڪاوٽ پئجي وئي ۽ هن ڪتاب جي اشاعت به روڪجي وئي. ٢٥- اپريل ١٩٦٨ع تي سنڌي ادبي بورڊ جي صدر جناب مخدوم محمد زمان طالب المولي (تمغه پاڪستان) جي سفارش تي، سنڌي ادبي بورڊ وري لوڪ ادب تجويز کي پايهٔ تڪميل تي پهچائڻ جو فيصلو ڪيو ۽ اها ذميواري بنده کي سونپي. باوجود انهن تڪليفن جي جيڪي هڪ مخلص ڪارڪن کي پهچن ٿيون، ۽ جيڪي راقم کي به 'لوڪ ادب' جي خدمت ڪندي سهڻيون پيون، بنده هي گرو بار ٻيهر پنهنجن ضعيف ڪلهن تي کنيو، انهيءَ لاءِ ته سنڌي لوڪ ادب جي قيمتي سرمايي کي جيترو ٿي سگهي اوترو سهيڙي ان کي ضايع ٿيڻ کان بچايو وڃي ۽ رٿيل پروگرام موجب "لوڪ ادب تجويز" کي مڪمل ڪيو وڃي.

'ڍولا- مارو' ڳالهه بابت معلومات گڏ ڪرڻ ۾ جن سگهڙن ۽ سڄڻن ڀرو ورتو، تن ۾ پروفيسر جهمٽ مل کوبچند ڀاوناڻي جو

نالو قابل ذڪر آهي. هن صاحب سنه ١٩٥٦ع ۾ هن ڳالهه جي هڪ روايت ٻمبئي مان شايع ڪئي، ۽ پوءِ جڏهن ڪيس خبر پئي ته بورڊ جي 'لوڪ ادب تجويز' هيٺ ڳالهه بابت وڏيڪ مواد گڏ ٿي رهيو آهي ته مهرباني ڪري پنهنجي ڇاپيل ڪتاب واري متن کي وڏيڪ درست ڪري ۽ ٻن ڪي ٻيا نوان دوها هٿ ڪري موڪليائين، جن جي بنياد تي هن ڪتاب جي 'ڀاڱي ٻئي' هيٺ ٻهرين روايت کي مرتب ڪيو ويو آهي.

بورڊ جي نئين اعزازي سيڪريٽري، ڊاڪٽر اسدالله شاهه حسيني، 'لوڪ ادب تجويز' کي نئين سر جيارڻ ۽ هن ڪتاب کي جلدي ڇپائي شايع ڪرڻ ۾ خاص دلچسپي ورتي آهي، جنهن لاءِ اسين سندس ٿورائتو آهيان. مرڪزي آفيس جي ٻن ڪارڪنن مان گڏ خاص طرح محترم ممتاز مرزا ۽ محترم محمد يوسف شيخ هن ڪتاب جي مواد کي آتاري، يڪجاءِ ڪرڻ، پيتڻ ۽ دوباره صاف ڪري لکڻ ۾ تحسين جوڳو ڪم ڪيو ۽ محترم محمد اسمٰعيل شيخ ان سڄي ڪم جي نگراني ڪئي ۽ ڪتاب جي مسودي تيار ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. ڪتاب جي آخري سٽاءَ، ترتيب ۽ تاليف لاءِ بنده خود ذميوار آهي.

خادم العلم

نبي بخش

سنڌ يونيورسٽي

حيدرآباد سنڌ

١-مئي ١٩٦٨ع

## فهرست

# پاڳو پهريون

### ڍول ـ مارو جو سنڌي قصو


روايت [١] شاهه جو رسالو: سر ڍول مارو ٥
روايت [٢] رسالو خليفي صاحب جو: سر ڍول مارو ٩
روايت [٣] وچولي ۽ لاڙ جي ڳالهه ١٥
روايت [٤] اُڀرندين ٿر جي ڳالهه ٣٠
روايت [٥] تعلقي ساماري جي ڳالهه ٦٩
روايت [٦] تعلقي کپري جي ڳالهه ٨٣
روايت [٧] تعلقي سنجهوري جي ڳالهه ١٠٧
روايت [٨] تعلقي عمرڪوٽ جي ڳالهه ١١٥
روايت [٩] پارڪر جي ڳالهه ١٢٥


# پاڳو ٻيو

### ڍول ـ مارو جو پاهريون قصو


روايت [١] پروفيسر جهمٽمل ڀاوناڻي جي لکيل ڳالهه ١٣١
روايت [٢] گجراتي ڪتاب تان ورتل ڳالهه ٢٣٠

اڳ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته هن ڳالهه جي مليل روايتن ۾ ’مارو‘ کان وڌيڪ ’مارئي يا مارئڙي‘ جو نالو اچي ٿو. ٻيو ته ٽر ۽ ڏيت جا احوال پڻ هن ڳالهه ۾ موجود آهن. تيئن ته ڪم از ڪم ٽن روايتن ۾ هن ڳالهه جي پڇاڙيءَ ۾ هيءُ مذڪور اچي ٿو ته مارو يا مارئي کي ٻيو هڪ شخص کڻڻ جي ڪوشش ڪري ٿو جنهن جو نالو سنڌ کان ٻاهران مليل ٻن روايتن ۾ ”اومرا رابيءَ“ (ص ٢٢٤) يا ”امرو سومرو“ (ص ٢٥٤) آهي ۽ سنڌ مان مليل ٻن روايتن ۾ ’عمر سومرو‘ (ص ص ٢٤ ۽ ٦٦) ڪري ڄاڻايل آهي. اهي ٽئي هن ڳالهه توڙي ’عمر-مارئي‘ واري سنڌ جي مشهور ڳالهه ۾ مشترڪ آهن. جيڪڏهن ’ڍول-مارو‘ جي ڳالهه وڌيڪ آڳاٽي آهي ته ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿيندو ته ان ڪهاڻيءَ جو عڪس ٻوءِ ’عمر-مارئي‘ جي ڳالهه تي پڻ پيو.

ن-ب.

# ڍول - مارو

(ٻاگو ڀھريون)

# ڍول-مارو جو سنڌي قصو

[هن قصي جون جملي نَوَ (۹) روايتون هيٺ ڏنيون ويون آهن، جن مان ٻهريون ٻه روايتون ”شاهه جي رسالي“ ۽ ”خليفي نبي بخش جي رسالي“ تان ورتل بيتن تي مشتمل آهن، ۽ باقي ست روايتون نثر ۾ آهن، جي مختلف سگهڙن جي زباني قلمبند ڪيون ويون آهن.

هن قصي جي مجموعي طور سٽاء هن ريت آهي: ”’ڍولاهي‘ جي ملڪ ۾ ڏڪار پوڻ ڪري، ڍولاهي جو پيءُ پنهنجي بادشاهي ڇڏي، عيال ۽ رعيت سميت ٻيءَ بادشاهيءَ ۾ لڏي ويو. اتي جي راجا ڪي ’مارئي‘ نالي ڌيءَ هئي. ڍولي ۽ مارئيءَ جي ننڍي هوندي ئي شادي ٿي. ڍولو جلدئي پنهنجي ملڪ موٽي آيو. وڏو ٿيو ته ٻيءَ هڪ چالاڪ عورت مٿس موهت ٿي، ڪيس پاڻ وٽ ويهاري ڇڏيو ۽ اهڙو بندوبست رکيائين، جيئن مارئيءَ جي ملڪ جو ڪوبه ماڻهو ڍولي سان ملي نه سگهي. مارئيءَ کي جڏهن ڍولي سان پرڻيل هجڻ جي خبر پئي، تڏهن هڪڙو مڱڻهار قاصد ڪري موڪليائين، جنهن چالاڪيءَ سان ڍولي کي مارئيءَ جي حقيقت کان واقف ڪري سندس پيغام پهچايو. ڍولي اُٺ تي سوار ٿي، مڱڻهار سان گڏ، مارئيءَ جي ملڪ ڏانهن ڪاهيو ۽ وڃي مارئيءَ سان مليو.“

شامل روايتن ۾، قصي جي انهيءَ بنيادي سٽاء کان سواءِ ڪردارن جي نالن توڙي واقعن ۾ قدري اختلاف آهن، ۽ جيئن ته اهي روايتون مڪاني طور جدا جدا هنڌن تي عام رائج آهن، تنهنڪري اهي سربستيون هتي قائم رکيون ويون آهن.]

١٢. رمون ناته نسنگ، رءِ اڙ اڙ سيسن لاءِ(١)
ڦلان پري ناڙڙي، پنوران پڳي نه جاءِ. (٢)

[آءٌ اڪيلي سر نه ڪيڏنديس، ٻه ڇاتي ڇاتي سان لائي ڪيڏنديس. گلن پري ناڙڙي، پڙن جي ويهڻ سان ڪائي پڇندي.]

١٣. ڍولا! مارئي آيسي پاتلي، جيسي ربڻ کجور (٣)
موته ميني، گرڻ گهڻي، تو کين ڇڏي ڏور.

[اي ڍوليا! تنهنجي مارئي اهڙي ته نازڪ سنهڙي آهي جهڙي 'راڻي جي ميوي' جي وڻ (ريڻ) جي شاخ. پڻ جا ڳالهائڻ جي مني ۽ گهڻن گڻن واري آهي، سا تو ڪيئن ڏور ڇڏي آهي!]

١٤. آپي سورج سامهي، متو پري ميت
تاس تنمطين نيت، هيم-ورني مارئي. (٤)

[ميت پريل متي سان سج سامهون بيٺي آهي. سندس (تاس) بيت ڪپهه جي ڦوٽي مثل هلڪو نرم ۽ نازڪ آهي، ۽ مارئي (ياڻ سڄي) سون ورني آهي.]

١٥. ساجي تيان سيگڙي، رطمل هاٿ ڪري
وڙهندي سر وڀر ٻين، ڪوڻ ڪيسان ڏي. (٥)

[(مارئي تي چوي ته) آءٌ سهڻي سينگاريل ڪماڻ ٿيان جيئن منهنجو پهلوان سوڍو مون کي هٿ ۾ ڪڻي، ۽ ويرين سان وڙهندي ڪوڻ سان ڇڪون ڏئي.]

---

(١) اصل. اڙ اڙ سين (٢) اصل. پورا پڳي - الخ (٣) اصل. رٻن کجور.
(٤) اصل. طاس پنبٽين (٥) اصل. سير سير وير سين

## روايت [٢]

خليفي صاحب جي ٻڌڻ مان هن قصي جا هيٺيان اُهڃاڻ ملن ٿا: ڍولو ”نَرورَ“ جو ۽ مارُو، ”ٿَر“ جي ڇوڪري هئي. ننڍپڻ جو نينهن هئن. ننڍي هوندي ئي جدا ٿيا. ڍولي کيس بلڪل وساري ڇڏيو هو، پر مارو سندس واٽ ڏسندي رهندي هئي. جڏهن جوان ٿي تہ پنهنجي حسن ۽ بيقراريءَ جو بيان خط ۾ لکي، ڪانگ جي هٿان، ڍولي ڏانهن موڪليائين. ماروءَ جو خط پڙهي، ڍولي کي ماروءَ جي اهڙي تہ سڪ ٿي جو اُٺ تي چڙهي ماروءَ ڏانهن هليو. اُٺ کي پيرن ۾ ڪڪرا پيل هئا ۽ مهار بہ ڇڪيل هئي، تنهنڪري تکو نٿي هلي سگهيو. اصل ۾ هڪ مالهڻ، ڍولي کي پنهنجي دام ۾ گرفتار ڪيو هو. اُن کي اها بہ خبر هئي تہ ڍولو، ماروءَ سان پرڻيل آهي، سو جڏهن ڍولي کي ماروءَ جو قاصد مليو، ۽ حقيقت معلوم ٿيس، تڏهن ماروءَ ڏي وڃڻ لاءِ سنبريو. مالهڻ کيس گهڻوئي روڪيو، پر ڍولو نہ رهيو. تڏهن هن اُٺ جي پيرن ۾ ڪليون هڻي ڇڏيون، انهيءَ لاءِ تہ اُٺ مَنڊو ٿي پئي، ۽ ڍولي کي ماروءَ تائين نہ رسائي سگهي. ڍولي جڏهن اُٺ جي مهار ڇڪي، تڏهن اُٺ چيس تہ: منهنجي پيرن مان ڪليون ڪڍ، ۽ پوءِ مهار ڍري ڇڏي ڏي تہ آءٌ توکي پل ۾ هلي ٿو ماروءَ تائين رسايان. ڍولي ائين ڪيو ۽ پوءِ اُٺ جا پير، هوا سان همقدم ٿي ويا ۽ تمام جلدي پنجاسي ڪوهہ ڪٽي اچي ماروءَ جي اڱڻ تي پهتو.

ماروءَ کي جڏهن ڍول جي اچڻ جي سُڌ پئي، تڏهن ڏاڍي خوش ٿي، ۽ خوشيءَ پنهنجي مڙس لاءِ سيج وڇايائين، ۽ چوطرف خوشيون ٿي ويون.

٤. مارُو ماٿي ميندِيون، ڍولي ماٿي مول،
ڍولا ٿارِي مارُوئي، ڦول سَرِيکي تول.

[مارو جي مٿي تي ميندِيون آهن، ۽ ڍولي جي مٿي تي مولهيو،
ڍولا تنهنجي مارو جي تور گل جيتري آهي.]

٥. مارُو هاٿي ميندڙي، ڍولي هَٿ ڪَمان،
ڍولو ماري مِرگڙا، مارُو لال جوان.

[مارو جا هٿ مينديءَ رتا آهن، ۽ ڍولي جي هٿ ۾ تير ڪمان،
ڍولو هرڻ ٿو ماري ۽ مارو سهڻا جوان ٿي ماري.]

٦. مارُو هاٿي ميندڙي، ڍولي هاٿ ترار،
ڍولو ماري ايڪ دو، مارُو لاک هزار.

[مارو جا هٿ مينديءَ رتا آهن، ۽ ڍولي جي هٿ ۾ ترار آهي،
ڍولو هڪ-ٻه ماري، پر مارو هزارين لکين (پنهنجي حسن سان)
ماريو ڇڏي.]

٧. مارُو مُونهه ۾ پيڙلو، پان سوپاري ڪاءِ،
ڍولو نَرور سهريهن، اُڙ ڪانگا لي آءِ.

[مارو جي وات ۾ پان آهي ۽ سوپاريون پئي چبي، ڍولو نرور
شهر جي گهٽين ۽ واٽن ۾ پيو گهمي، اُڏام ڪانگا! (تنهن کي
وٺي آءُ.]

٨. ڪوڏي، پَرَٿت، باجري، مونگ، جواري ڪاءِ،
ڦاسر ڪَنول ڪامڻي، چوڏس چنڊ لڄاءِ.

[ڪوڏي، پرت، ٻاجهري، مڱ، ۽ جوار کاءِ.
ڪنول جهڙي سهڻي (مارو) چوڏهينءَ جي چنڊ کي لڄائي ٿي.]

٩. ٻانا جيئي ٻاٽلي، قاسم ڪنول رنگ،
اوڀي آڱڻ تڙتڙي، جيم جوئي ناڱ ٻونگ.

[(مارو) ٻن جهڙي سنهي آهي، ڪنول جهڙو (اڇو) رنگ اٿس، اڱڻ تي بيٺي ڪر موڙي ۽ انتظار ڪري، جڻ ته ڪاريهر ناڱ (ڪارا وار) ڦڻ ڪڍيو بيو نهاري.]

١٠. گم گم ٻائي گونگهرا، جان الٽيو گينڊ،
راهه آنگڻ مارو چلي، [جيم] ٻيني ٻادر چنڊ.

[چيرون ٻڌيو (ٻئي ٽلي)، جڻ ته هاٿي بيو هلي، اڱڻ ۾ مارو ائين ٻئي هلي جيئن ٻيگل (وسندڙ) ڪڪر مان چنڊ چمڪي.]

١١. مارو اوٽا اوتري، ڪڙٻين لاوي ڪيس،
چترٻتيو راجيو، جيم مارن چليو ديس.

[مارو اڱڻ تان لٿي آهي، ۽ وار (ڊگها) چيلهه تي ٻيا لڳنس، راجا چترٻتي جڻ ته ڪو ملڪ فتح ڪرڻ لاءِ سنبريو هجي.]

١٢. ڍولو آوي تو هنس ملون، ٻائون ٻڙون مين توهه،
تجهه ملئيگي آبرو، ٻاڳ، همارو هوهه.

[ڍولو اچي ته ڪيس ڪلي ملان، ۽ توکي ٻيرين ٻوان، توکي عزت آبرو ملندي، ۽ ڀاڳ اسان جو ورندو.]

١٣. اڙ ڪانگا لي جا تون، ڪاگد ميرو آج،
قاسم ڪيم ٻسارتان، ڍولا لاک سريکي لاج.

[ڪانگا! اڏامي وڃ ۽ اڄ منهنجو خط (ڪاغذ) کڻي وڃ، ڍولي ٻنهنجي لکن جهڙي لڄ ڪيئن وساري آهي.]

١٤. ڍولي ڪاڳد وانچتي، "قاسم" لاڳو ٻاڻ،

ڪاڳد پڙهتي ڙڳتي، مَن ۾ تاڻو تاڻ.

[ڍولي ڪي (مارو جو) خط پڙهندي چرڪ نينهن لڳي ويو، ڪاغذ پڙهڻ سان سندس من ۾ تاڻون تاڻ مچي وئي.]

١٥. ٻڪ هووي تو اُڙ مِلونْ، گَڙتي مانجهه رات،

مارُو سبي ٻاتان ڪَرانَ، قاسم ڀاتو ڀانت.

[جيڪڏهن (مون کي) پر هجن ته آڌامي گذرندي پوئين رات (مارو سان) ملان، (۽) مارو سان قسم قسم جون ڳالهيون وهي ڪريان.]

١٦. اَڪَنْڍِيا تنگ تاڻيا، مارُو چِت چَڙي،

آڌي رات اوتار سان، سُوتي سيج پَڙي.

[سڪايل ڍولي (اُن جا) تنگ ڪشيا، جو مارو من تي چڙهي وئي هيس، آڌ رات جو وهي اٿيو ۽ سيج سُتل ڇڏيائين.]

١٧. "قاسم" ڪاڪَر ڪاڍِلي، ڏي مهارڻْ ڍِيلْ

ڍول هماري ٻَگ ۾، ڪِينْ سوڪ لڳايا ڪيل.

[ڍولا! ٻيرن مان ڪکر ڪڍ ۽ مهارون ڍريون جهل. ڍول! اسان جي ٻير ۾ ڪهن ڪشي ڪليون هنيون آهن.]

١٨. ٻاڳِينْ ڪاڍِي ڪاڪرِي، ڪَرهي لاڳي ڪام

گَڙتي مانجهه راتڙي، نَجر پِسْ ڪِيڏو ڳام.

[ٻيرن مان ڪکريون ڪڍيون ۽ اُن کي ڪام لڳي. گذري پوئين رات وهي مارو جي ڳوٺ کي نظر ۾ ڪيائين.]

۱۹. ٻاجهين ڪاڏي ڪاڪري، ڏيڏي تڻ مهار
ٻَڪ ٻوڻَ سي مِل گئي، جا آيو آنگڻ ٻار.

[ٻيڻ مان ڪڪريون ڪيٻون، ۽ مهار کي (ڏولي) ڇهي ڏني. (ڪرهي جا) ٻير هوا سان همقدم ٿي ويا ۽ وڃي (ماروجي) اڱڻ تي بيٺو]

۲۰. ڪَرهي ٻاڏي ڪوسڙي، ٻَل ۾ سات ٻچيس
ڪَٽڪ سَٽيتي ماروئي، اُڙي ٻاڳي اِئس.

[ڪرهي ٻل ۾ ٻنڌ جا ٻنجاسي ڪوهه ڪٽيا، ننڍاکڙي ماروئي جيڻ ڪٽ تان ٽپ ڏيئي اُٿي ته ايس ٻچي ٿئي.]

۲۱. ڏُوم ڏُوم سيتل ٿئي، اُٿر گئي سڀ ٻاپ
ووهي ڏولو گهر آئيو، جو آڻي ڏيڏو ٻاپ.

[رڳا رڳا ٿري ٿئي ۽ سمورا ٻاپ لهي ويا. منهنجي گهر اهوئي ڏولو آيو آهي، جيڪو مون کي ٻيءَ (مڙس طور) ڏنو هو.]

۲۲. مارُو ڀاڙيو ڏولڙو، ساسُو ڀاڙي سيج
آج ڏولو گهر آئيو، مانڊي ملئو ويج.

[مارو کٽ وڇائي، ۽ سس سيج سينگاري. اڄ ڏولو گهر آئيو آهي ۽ سڪايل کي ور مليو آهي.]

۲۳. سوئي ڏولو گهر آئيو جِن ڪِي جوئي ٻاٽ
مَيِن ڏولي سي هَنس ملي، ڪلن لاڳي ڪاٽ.

[اهوئي ڏولو گهر آيو آهي، جنهن جون (مون) واٽون نهاريون هيون. آءٌ ڏولي سان ڪلي مليس ته سيج ۾ ڪلڙ لڳي.]

چڱيءَ طرح چار ته توکي مارئيءَ جو سڱ ڏيان. ڍراڙ اهو ٻڌي خوشيءَ ۾ نه ماپيو سو شرط قبول ڪري مال کي ڏاڍي چاهه سان چارڻ لڳو. ڦوڳ جي ماني کائڻ ڪري هن تي ”ڦوڳيو“ نالي پئجي ويو.

مارئيءَ جي ماءُ جو اهو خيال هو ته ڍول جڏهن اها ڳالهه ٻڌندو تڏهن غيرت سببان يڪدم هليو ايندو، ۽ مارئيءَ سان شادي ڪندو. ڀلا جيڪڏهن ڍول نه آيو ته هيءَ ڍراڙ، ڦوڳ جي ماني ۽ واهي جو ٻوڙ کائي کائي، ٻنهن-ڇهن مهينن اندر ٻاٺي مري ويندو. پر ڦوڳيو هو سياڻو، سو ڇا ڪندو هو جو ڦوڳ جي ماني ۽ واهي جو ٻوڙ کائي، جهنگ ۾ اچي ٻاڪري کير جا گوها هڻندو هو، جنهنڪري هو ڏهاڙي مچندو ويندو هو.

اهڙيءَ طرح ڇهه مهينا گذري ويا. انهيءَ وچ ۾ مارئيءَ جي ماءُ گهڻيئي قاصد موڪليا، پر ڪوبه صحيح سلامت موٽي نه آيو، ڇو ته ٻاغائڻ، ڪوهه ۽ تلاءُ بند ڪرائي ڇڏيا هئا، سو جيڪو انهيءَ گس تان ويندو هو سو واٽ تي ئي اُڃ وگهي مري ختم ٿي ويندو هو. پر جي قضا سان ڪو وڃي پهچندو هو ته ٻاغائڻ جا ماڻهو اُن کي ماري ڇڏيندا هئا. اتي مارئيءَ جي ماءُ ٻيو ڪو وسيلو نه ڏسي ڍاڍي فقير گهرايا، ۽ انهن کي ساري حقيقت ٻڌائي ڍول ڏانهن روانو ڪيو.

ڍاڍي فقير سرندا کڻي روانا ٿيا، ۽ هلندي هلندي هڪڙي ڏينهن اچي ڍول شهر ۾ پهتا. رات جو هڪڙي سراءِ ۾ رهي پيا. قدرت خدا جي اها سراءِ، ڍول جي ماڙيءَ جي ويجهو هئي. اسر مهل ڍاڍي، ساز سُرود کڻي، ويهي ڳائڻ وڄائڻ لڳا. ڍول جي ننڊ هنن جي ڏکاري آواز ڦٽائي ڇڏي، ۽ هو ڪن ڏيئي راڳ ٻڌڻ لڳو. ڍاڍين مان هڪڙي، مارئيءَ کان مليل نياپو ڏنو ته:

مڱــــ آهي، تنهنجي لاءِ ائين آهي، جيئن تنهنجي سڳي ڀيڻ ڪُندن. اها چئي اُتي رکي ٻاڻ وري اڳتي روانا ٿيا(١).

ٿوري دير ڪان پوءِ عمر بادشاهه سڄاڳـــ ٿيو. ڪُٺي جو وٽو ۽ چٺي ڏٺائين؛ اها پڙهي خيال ڪيائين ته ڍول جي چاهي ها ته مون کي ماري وڃي اُٺ تي چڙهي هليو وڃي ها، جيڪو تجلي کان ٻه پلو آهي؛ پر هن ائين نه ڪيو. مارئي مڱـــ ٻه سنڌيس آهي، تنهنڪري مارئيءَ جو خيال ئي دل مان ڪڍي ڇڏڻ گهرجي. اهو خيال ڪري وڃي اُٺ تي سوار ٿي ڍول جي ملڪ ۾ اچي هنن کي رسيو ۽ کانئن معافي ورتي، مارئيءَ کي پنهنجي ڀيڻ سمجهي ڍول سان شادي ڪرائي، پنهنجي ملڪ موٽي آيو.

---

(١) "ع": عمر هنن کي اچي پهتو. تڏهن ڍول مارئيءَ کان پڇيو ته: "تون ڪنهن جي؟" مارئي جواب ڏنو ته: "اوهان مان جيڪو ڏاڍو، آءٌ ان جي."

(جهنگ ۽ رڻ ۾ ٻيٺل ٻُوٽي جي رکوالي ڪير ٿو ڪري؟ اسين زالون انهيءَ مثال آهيون. ڪا عورت پنهنجي ڪُل کي اُجاري، ته ڪنهن کي خدا پناهه ۾ رکي.)

سُونهڙ، زال جي چوڻ تي يقين ڪري اُٿي هليو. منزلون ڪندا ڪندا اُجين نگريءَ ۾ آيا. شهر جي ٻاهران پهتا ته هن زال کي ڦاٽل ڪپڙا پارائي، لٺ هٿ ۾ ڏئي، چيو ته: پوڙهين وانگر لُڏندي لُڏندي هل. شهر ۾ گهڙيا ۽ گهٽيون گهمندا گهمندا هڪڙي سيٺ جي نُهري (بنگلي) اڳيان اچي اُڪريا. سيٺ ڏٺو ته هي ڪي نوان ماڻهو ٿا ڏسجن، سو سڏ ڪري پڇيائين ته: اسان جي ملڪ جا ڪونه ٿا ڏسجو. ڪير آهيو ۽ ڪٿي جا آهيو؟ سونهڙ جواب ڏنو ته: لڏبائي جا سُونهڙ آهيون. ڏڪار جي سبب کان بک جا ماريل آهيون، هن شهر ۾ آيا آهيون، سائينجن مهرباني ڪري رهڻ جي ڪا جاءِ ڏيو. سيٺ پنهنجي نُهري ۾ هڪڙي ڪوٺي ڪمن ڏني. سونهڙيءَ کي مٿي تي هٿ رکي پنهنجي نياڻي ڪيائين، ۽ چيائين ته: جيترا ڏينهن داڻي پاڻيءَ جا هجن، بلاشڪ هتي رهو. سونهڙ ۽ سونهڙيءَ کي جيڪا ڪوٺي رهڻ لاءِ ملي هئي، سا رستي جي ڪپ تي هئي. سونهڙ زال کي چيو ته: آءٌ توکي گهر ويٺي سڀ پورت ڪري ڏيندس. پاڻي به ڀري ڏئي، پوءِ ڪم ڪار سان شهر ۾ ويندس. تنهنجو ڪم ناهي گهر کان ٻاهر نڪرڻ.

سال-ڏيڍ اُتي رهندي ٿي وين. هڪڙي ڏينهن سونهڙ کي دير ٿي وئي. سج لهي ويو، پر گهر نه موٽيو. سونهڙيءَ خيال ڪيو ته منهنجو مڙس ٽڪو ٽُٽو ايندو، گهر ۾ پاڻي آهي ڪونه، وري پاڻي ڀرڻ ويندو. تنهن کان چڱو ته آءٌ گهاگهر کڻي پاڻي ڀري اچان. سج لهي ويو آهي. ٻاهر مون کي ڪو به ڪونه ڏسندو. اهو خيال ڪري گهاگهر کڻي رواني ٿي:

هن کي هيٺ مٿي جون گھڻيئي ڳالهيون ڪيون، پر هن هائو نه ڪئي. آخر راجا نوڪرن کي حڪم ڪيو ته: هن جو مٿو لاهي ڇڏيو. سوٽهڙ چيو ته: سائين! مار نه، هڪڙي ڳالهه منهنجي به قبول ته زال ڏيندس، اها هيءَ ته چنڊ گرهڻ ٿئي ته ڪورو ڪپڙو پنهنجي بدن کي ويڙهي، ڪوٽ کان منهنجي در تائين، ”گرهڻ جو دانُ، گرهڻ جو دان“ چوندو اچين ته زال توکي ڏيندس؛ نه ته ماري ڇڏين ته ماري ڇڏ. راجا چيو ته: قبول آهي. آءٌ گرهڻ جو دان اچي وٺندس. ائين چئي سوٽهڙ کي موڪل ڏنائين.

راجا، پنڊت جوتشيءَ گھرائي پڇيو ته: گرهڻ ڪڏهن آهي؟ هنن پنهنجا پُستڪ ٽپڻا کولي، ڏسي ٻڌايس ته: راجا! فلاڻي تاريخ چنڊ جهلبو. راجا هاڻي انهيءَ تاريخ جي انتظار ۾ رهيو. سوٽهڙ پنهنجيءَ زال سان اچي حقيقت ڪئي. زال چيو ته: جيڪي ڪري آيو آهين، سو ٺيڪ آهي. پر هاڻي تون به گرهڻ جي تاريخ پڇي ڇڏ. هن تاريخ پڇي هٿ ڪئي، آخر چنڊ گرهڻ جو ڏينهن آيو. سوٽهڙي پنهنجي اڱڻ کي ليپو ڏئي، وهنجي سهنجي، جيڪي ڦرياٺا ڪپڙا لٽا هئس اهي پائي، پاڻيءَ جو لوٽو ڀري، گرهڻ جي ٿاپنا ڪري، انهيءَ چونڪ ۾ ويهي رهي. گرهڻ جو دان ڀيل وٺندا آهن، ٻيا ڪونه وٺن. ڀيلن جو گرهڻ ڏٺو سي دان وٺڻ لاءِ گھرن مان نڪري پيا ۽ ”گرهڻ جو دان، گرهڻ جو دان“ چوندا، شهر مان دان وٺڻ لڳا. اهو آواز جڏهن راجا جي ڪن تي پيو، تڏهن ٽپ ڏئي اٿيو، چيائين ته گرهڻ جو دان مون کي به وٺڻو آهي، سو وهنجي سهنجي، ڪورو ڪپڙو بدن کي ويڙهي، گھٽين ۾ گھمڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو ته: ”گرهڻ جو دان، گنگا جو سنان، راجا ڇڏيو ايمان“. گھٽين ۾ اهو هوڪو ڏيندو ڏيندو، سوٽهڙ جي در تي آيو ۽ چيائين ته:

ادا! هاڻي پنهنجو وعدو پورو ڪر، دان ڏي! سونهڙيءَ کان پڇيو ته: هاڻي ڇا ڪريان؟ سونهڙيءَ چيس ته: راجا جو هٿ ۽ منهنجو هٿ گڏي، ٽاپنا وارو ٻاڻي هٿن تي وجهي، چئو ته ”شيري ڪرشنا جو پُنُ“. سونهڙ ائين ڪري، سندن هٿن تي پاڻي وجهي، اڃا هتيوئي ڪين ته راجا جو مٿو اڏاڻو ۽ وڃي پري پيو. وري نظر ڪيائين ته سونهڙيءَ جو به سِرُ اڏامي وڃي پري پيو. حيران ٿي وڃي سونڙيءَ جي مٿان بيٺو ته سندس سِرُ به اڏامي وڃي پري پيو. راجا جي نوڪرن چاڪرن ريت رسم موجب راجا گي وڃي مساڻ ۾ ساڙيو، ۽ ھنن ٽنهي کي اتي ئي ڇڏي ڏنو.

مانسَروَرُ، جنهن تي هنجهه ويهندا آهن. اتي لکين هنجهه ويٺا هوندا هئا. مانسرور، انسان جي روپ ۾ ٿي، روز هنن کان اچي پڇندو هو ته: آءٌ نه هجان ته اوهان کي ڪير سچا موتي کائڻ لاءِ ڏئي؟ خوشامد جي ڪري سڀ هنجهه چوندا هئا ته: مانسرور! تون ته هجين ها ته اسان کي ڏاڍي تڪليف ٿئي ها. هڪڙي هنجهه ٻين هنجهن کي چيو ته: اوهين روزانو ڪوڙ ٿا ڳالهايو، اڄ جيڪڏهن مانسرور پڇڻ آيو ته آءٌ سچو جواب ڏيندس. هنن چيو ته: ادا! هتي سکيا ويٺا آهيون، اجايو وجهندين پاڻڻ ۾ پنج سيري. هن چيو ته: ڪجهه به ٿئي، آءٌ ضرور ڳالهه ڪندس. ايتري ۾ مانسرور به آيو ۽ چيائين ته: هنجهه! ٻڌايو ته آءٌ نه هجان ها ته ڪير اوهان کي سچا موتي کائڻ لاءِ ڏئي ها؟ انهيءَ تي هن هنجهه ڳالهايو ته مانسرور! خبر ٻڌ. جنهن هي سنسار پيدا ڪيو آهي، اهوئي سڀني ساهوارن کي کاڌو به ڏئي ٿو. اسان کي به اهوئي ٻالظهار روزي ڏئي ٿو، تو ۾ ڪهڙي طاقت آهي، جو اسان کي روز رسائين! اهو ٻڌي مانسرور چيُن ته: هاڻي اڏامي هليا وڃو. اوهان کي جيڪو گذران

خاطر توجهه ڪيائين. هنجهه کي مهمان ويٺي ٻه مهنا گذري ويا، هڪڙي ڏينهن هنجهه پڇيس ته: ڪنيا! تون جوان جماڻ اڪيلي هتي ويٺي آهين، ٻيو ڪو ماڻهوئي ڪونهي، تنهنجي شادي ٿيل ڪانهي ڇا؟ ڇوڪريءَ چيو ته: مهراج! منهنجو مڱڻو، راجا اندر جي ننڍي پٽ ”پهن“ سان ٿيل آهي. هاڻي هو مرضيءَ وارا آهن، جڏهن شادي ڪن. هنجهه چيس ته: ڪنيا! مون کي جي ڪو ورُ پسند اچي ۽ تنهنجي شادي ڪرائي ڇڏيان ته پسند ڪندينءَ؟ ڪنيا چيو ته: مهراج! جيڪي توکي پسند آهي، سو مون کي به پسند آهي. هنجهه وري به هن کان پڇاڳاڇا ڪري، پڪ ڪري اڏاڻو ۽ اڏامندو اڏامندو ”نرهرگڏ“ ۾ راجا نل جي باغ ۾ اچي لٿو. ماليءَ جي نظر پيس، تنهن ڊوڙي راجا کي خبر ڏني ته: راجا! پنهنجي باغ ۾ هڪ اهڙو پکي آيو آهي، جو مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪونه ڏٺو آهي. راجا، ماليءَ سان گڏجي باغ ۾ آيو، ڏسي ته هنجهه ويٺو آهي. راجا کيس چيو ته: هنجهه راجا! مهرباني ڪري هيٺ لهي اچ. هنجهه لهي آيو. راجا کيس وٺي پنهنجي محلات ۾ آيو، پوءِ راجا هن سان رات ڏينهن رهاڻيون ۽ محفلون ڪرڻ ۾ لڳي ويو.

راجا کي ٻه-ٽي مهينا ٿي ويا، جو راڻيءَ وٽ محلات ۾ نه ويو هو، رڳو هنجهه جي ڪچهريءَ ۾ ويٺو هوندو هو، راڻيءَ خيال ڪيو ته هي هنجهه ناهي پر ڪو جادوگر آهي، جو رات جو ضائفان ٿيو وڃي، ۽ ڏينهن جو هنجهه ٿيو ويٺو آهي. موقعو ملي ته هن کي ماري ڇڏيان. هڪڙي ڏينهن راجا هنجهه کي چيو ته: تون ويٺو هج ته آءٌ ڪلاڪ کن گهوڙي جو سفر ڪري اچان. راجا گهوڙي تي چڙهي هواخوري لاءِ هليو ويو. راڻيءَ ڏٺو ته اڄ موقعو آهي، هنجهه اڪيلو ويٺو آهي، ڇو نه ماري ڇڏيانس جو راجا تي جادو ڪيو ويٺو آهي. راڻي ڇهبڪ هٿ

(جامڙي) جو روپ ڪري، پهريدارن کان موڪل وٺندو وٺندو اچي راجا وٽ محلات ۾ نڪتو ۽ چيائين تہ: راجا! مون کي سڃاڻين ٿو؟ راجا چيس تہ: نہ. هن وٺي قد ڪيو تہ آسمان سان وڃي چوٽي لڳس ۽ پير پٽ تي پيا هئا. اندر چيس تہ: منهنجو نالو اندر اٿئي، جنهن جي پاڻ جي پانهن ڪٽي آيو آهين. هاڻي توکي ٽي شرط چوان ٿو، انهن مان ڪو بہ هڪ قبول ڪر: (۱) جيتري دير ڳئون ڏُهي، اوتري دار جي برسات قبول ڪر، (۲) يا تہ ٻارهين سال جو ڏڪار قبول ڪر، (۳) يا تہ وري لڙائي قبول ڪر. راجا پنهنجي راڻيءَ کان پڇيو تہ: هاڻي ڇا ڪريون؟ راڻيءَ چيس تہ: مهراج! ڳئون ڏُهي، اوتري دير جي برسات ۾ اندر ٻار ڪي ٻوڙي ڇڏيندو. لڙائيءَ ۾ بہ ٻار هن کي پڇي ڪو نہ سگهنداسون. تنهن کان ٻارهين سال جو ڏُڪر ڪٽي قبول ڪر. راجا ٻارهن سالن جو ڏڪر قبول ڪيو. اندر ويندو رهيو ۽ پنهنجي ٻارهن ئي مينگهن کي حڪم ڏئي ڇڏيائين تہ: منهنجي حڪم کان سواءِ، ٻارهن سالن تائين، راجا نل جي زمين تي بُوند برسات جي نہ ڪيري.

راجا نل جي ملڪ ۾ اچي ڏڪار پيو. هڪڙو سال ڏڪار جو گذريو، ٻيو گذريو، ٽيون گذريو. رعيت ۾ پيچ پوڙ پئجي وئي. ماڻهو لڏي، ٻين ملڪن ۾ وڃي گذر سفر ڪرڻ لڳا. راجا ۽ راڻي فقط بہ ڄڻا وڃي بچيا. راجا چيس تہ: راڻي! هاڻي تہ صفا سُڃ ٿي وئي آهي. ملڪ ۾ ٿوري ڪاڻ رهي آهي. هاڻي ٻار بہ هلي ڪنهن وسڻ تہ پيڙا ٿيون، جيسين ڏڪار جا سال پورا ٿين.

راجا ۽ راڻي، ملڪ ڇڏڻ وقت ٻار ۾ وعدو ڪيو تہ جيسين هي ڏُک جا ڏينهن آهن، تيسين هڪبئي سان قرب محبت ڪونہ

ڇھن ڀيڻن جي ڪمائي ٿئي. مارئيءَ چيس تہ: ٻيجل! ڍولو ٻاڙهي ڪونہ ايندو، تون وڃي اچينس. جي آڻينس ٿو تہ مالامال ڪري ڇڏينديسئين. ھن جواب ڏنو تہ: مارو! مون کي ھڪڙو تکو گھوڙو ۽ گھر جو خرچ ڀکو ملي ۽ وڃڻ لاءِ تيار آھيان. مارئيءَ کيس يڪدم بندوبست ڪري ڏنو.

ٻيجل پنھنجا ساز سامان کڻي، گھوڙي تي سوار ٿيو ۽ منزلون ڪندو نرھرگڍ جي پاھران جيڪي چونڪيون رکيل ھيون، انھن مان ٻارھين چونڪيءَ تي اچي ترسيو. چونڪي وارن کي سلامي ڏنائين. ھنن پڇيو تہ: ڪير آھين، ڪيڏانھن ٿو وڃين؟ چيائين تہ: پنگل گڍ جي راجا نل جو ميراسي آھيان. گھمڻ ڦرڻ ويو ھئس، ھاڻي موٽي وريو آھيان، ڇو تہ چوڪيدار جوان آھن تن سان رھاڻيون ڪندو وڃان. ائين ڪري رات انھيءَ چونڪيءَ تي ترسي پيو. اھڙيءَ طرح ھڪڙي ھڪڙي رات ٻارھنئي چونڪين تي رھندو، آخر اچي شھر ۾ گھڙيو. ڍولي وٽ حاضر ٿي سلامي ڏنائين. ڍولي پڇيس تہ: ڪٿي جو آھين، ڪنھن جو فقير آھين؟ ھن چيو تہ: ماروءَ جو ميراسي آھيان. ڍولي پڇيس تہ: مارو ڪير؟ چيائين تہ: ڍولا تنھنجي راڻي. ڍولو عبرت ۾ پئجي ويو، ۽ چيائينس تہ: منھنجي راڻي مارو! مون کي تہ خبرئي ڪانھي تہ مارو منھنجي راڻي آھي. ڪير آھي ۽ ڪٿي جي آھي؟ ھن چيو تہ: راجا! پنگل گڍ جي راجا جي ڌيءَ آھي. اوھان کي ننڍھيءَ ۾ ويھاري پرڻائيو ھئائون، سا اڄ گھر ۾ ويٺي ماڻي ۽ اوھان کي يادئي ڪانھي! ڍولو ويچار ۾ پئجي ويو. ٻيجل چيس تہ: راجا! مھرباني ڪري ھلو ۽ پنھنجي راڻيءَ کي وٺي اچو. اوھان جي ياد ۾ رات ڏينھن مڇيءَ وانگر تڙڦي رھي آھي. ڍولي چيس تہ: ٻيجل! تو ماڻ پنھنجي اکين سان ماروءَ کي ڏٺو آھي تہ ڪھڙي آھي؟ ٻيجل چيو تہ: ھائو سائين!

اها ٻڌڻ پيٺ تي عمر جو لشڪر چڙهيو ٿئي ته اُن شخص اچي پيغام ڏنو. عمر پنهنجو لشڪر ورائي موٽڻي ٿيو. ڍولو اچي پنهنجي شهر جي ٻاهران ويٺو. رعيت، اميرن ۽ وزيرن جو ڏنو، سي سڀ اچي، ڍولي سان مليا، واڌايون ڏنائون ۽ دهلن دمامن سان ڍولي کي محلات ۾ وٺي ويا.

مَٽن ميليا، تَنَ تَنوُسيا، ڏُرجن ڏور ٿيا،
سَڄڻ پَٽو پاڻ ۾، ڪيلي ڪيم ٿيا.

## روايت [٥]*

# تعلقي ساماري جي ڳالهه

”راجا نل“ کي اولاد ڪونه هو. وسڪاري جا ڏينهن هئا، جو هڪڙي دفعي شڪار تي نڪتو، اوچتو ڪيس ”اندر ديوتا“ گڏيو، چوڻ لڳو ته: اي راجا! توکي نه ڇڏيندس. راجا پڇيو ته: ڇو نه ڇڏيندين؟ اندر ديوتا ورائيو ته: اي راجا! ٻه شرط آهن. انهن مان ڪو ٻه هڪ قبول ڪندين تڏهن ڇڏيندس. هڪڙو ته ٻارهن ميگهه يعني سانده ٻارهن سال برساتون قبول ڪر يا ست ڏڪار يعني سانده ست سال ڏڪار قبول. نل راجا چيس ته: آءٌ پنهنجي صلاحڪارن سان صلاح ڪري پوءِ جواب ڏيندس. ائين چئي راجا پنهنجي محلات ۾ موٽي آيو. راڻيءَ سان اها ڳالهه ڪيائين. راڻي به عقل واري هئي، تنهن سوچي ويچاري جواب ڏنس ته: ٻارهن ميگهه ٻاڻ جهلي ڪين سگهنداسين، جو ميينهن سڄي ملڪ کي ٻوڙي ڇڏيندا، باقي ڏڪار هوندو ته ڏکيو سکيو وقت گذاري وينداسين، تنهنڪري ڏڪار قبول ڪر.

راجا نل کي راڻيءَ جي صلاح دل سان لڳي، تنهن راجا اندر کي چيو ته: مون ۾ ٻارهن ميگهه جهلڻ جي وسيعت ڪانهي، تنهنڪري ست ڏڪار قبول اٿم. اندر ديوتا جي چوڻ موجب نيٺ سندس ملڪ ۾ اچي ڏڪار پيو. ٽي-چار سال ڏڪار جا ته ڏکيا سکيا پنهنجي ئي ملڪ ۾ گذاريائون.

---

* هيءَ روايت چوني لال امرچند هيرانندائي (نائب ماستر، اسڪول عبدالله خان ڪيري، تعلقو ساماري). ڀڳائي ٻٽ ڪٽراڻي ميراسيءَ جي زباني تاريخ ٢٤- فيبروري ١٩٥٩ع تي قلمبند ڪئي.

گهڻو ڪري صبح جو ڪنهن بي اولاد ماڻهوءَ جو مُنهن ڏسڻ بدسوڻ سمجهيو ويندو آهي. سو راجا نل ﺑﻪ جڏهن محلات مان ٻاهر نڪرندو هو ته ماڻهو ڪيس ڏسي مُنهن ڦيرائي ڇڏيندا هئا، سمجهندا هئا ته ملڪ تي ڏُڪار جي مصيبت فقط بي اولاد راجا جي ڪري آئي آهي. راجا جي محلات جي پرسان هڪڙو سوداگر رهندو هو، جنهن کي ٽي پُٽ هئا. هڪڙي ڏينهن سوداگر کي پُٽ جي سڱ لاءِ ٻئي ڪنهن شهر ۾ وڃڻو هو. جيئن ئي صبح جو سويل سوداگر گهر کان ٻاهر نڪتو، تيئن اتفاق سان راجا مُنهن ۾ ملي ويس. سوداگر، راجا کي ڏسي ٻئي شهر وڃڻ جي بدران اُتان ئي موٽي گهر هليو ويو. راجا جو اهو لقاءُ ڏٺو ته سوداگر مون کي ڏسندي ئي موٽي ويو آهي، سو اُن جي سبب معلوم ڪرڻ لاءِ سوداگر جي پٺيان آهستي آهستي هلڻ لڳو. سوداگر جي موٽي اچڻ تي زال سبب پڇيس، جواب ڏنائين ته: وڃڻ وقت بي اولاد نياڻي ماڻهوءَ جو مُنهن ڏٺم، تنهنڪري بدسوڻ سمجهي موٽي آيو آهيان. زال پڇيس ته اهو نياڻو شخص ڪير هو؟ سوداگر وراڻيو ته: خود راجا.

راجا نل لڪي لڪي سوداگر ۽ سندس زال جي گفتگو ٻئي ٻُڌي، سو ڏکارو ٿي محلات ۾ موٽي آيو. وزير سان حال ڪيائين، جنهن چيس ته: اي راجا! چوندا آهن ته ”بي اولادي ۽ بي سنتتو (ساعتو) ڪُتو بہ نہ هجي.“ سو توکي بي اولادي ڏسي، ماڻهو بدسوڻي سمجهن ٿا. اها ڳالهه ٻُڌي راجا ڳڻتيءَ ۾ پئجي، راڻيءَ وٽ آيو ۽ ان کي ﺑﻪ اها ڳالهه ٻڌايائين ۽ چيائين ته: هلو ته هيءَ ملڪ ڇڏي، ٻئي ڪنهن ملڪ ۾ هلي رهون. جڏهن اولاد ٿيندو ۽ ملڪ ۾ سُڪار پوندو، تڏهن جيئرا هونداسين ته موٽي ايندا سين.

هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳي. ڏسي ته ڍولو ٻرڀان ڏاچين ۾ ويٺو آهي، سو اوڏانهن ويئي. ڍولو سامان کڻڻ لاءِ واپس آيو ته ٻنهي مالهڻ، توڏي کي چوڻ لڳي ته:

مانُهجي ٻاپ را ڪرهيا، مانُهجي وچن هلي،
ڍولهي سانُماهيا ساسرا، تون ڪوڙي ڀاڳ چلي.

(منهنجي پيءُ جا توڏا! تون منهنجي چوڻ تي هلجانءِ. هيئنر ڍولو پنهنجي ساهري گهر ڏي سنڀريو آهي، تنهنڪري تون آهستي آهستي منڊ ڪائي هلج.)

تڏهن توڏي وري مالهڻ کي وراڻي ڏني ته:

ڪوڙو ٿيان تو هون ڏانُپ لنيان، ڀڏو ٻُڪ مران،
جائون ڍولهي ري ساسري، هُون سڦرا مُونگ چرَان.

(منڊو ٿيان ته ڀوءِ مان ڏنڀ ڏياريان ۽ هڪ هنڌ ٻڌل رهي چو ٻُڪ مران! وڃان ٿو ڍولي جي ساهُري، جتي ساوا مڱ چرندس.)

مالهڻ وري چوڻ لڳي ته:

تِينان ڏانُپان سون سرائي سين، آن چانُپان تيل ڦُليل،
ٻَڌان ٻڙ ري شاخ سين، آن نيرا ناگرويل.

(توکي آءٌ سونَ جي سرائيءَ سان ڏنڀ ڏيندس ۽ پوءِ اُن مٿان تيل ڦُليل جي مالش ڪنديس ۽ ٻڙ جي ڇانوَ ۾ ٻڌي ناگرول جا پَنَ چارينديس.)

پر ڪرهي صفا جواب ڏئي ڇڏيو، تڏهن مالهڻ ليڪ ڇپ ۾ تِکا رُڪ جا سُئا توڏيءَ جي پيرن ۾ هڻي ڇڏيا ۽ پاڻ واپس گهر هلي ويئي. هاڻي ڍولو به سامان سڄو کڻي آيو ۽ توڏو سنباهي روانو ٿيو. مالهڻ جڏهن ڏٺو ته ڍولو بلڪل نٿو رهي، تڏهن وڃي ساهيڙين کي چيائين ته: ڍولي کي ڪيئن به ڪري اڄ ترسايو. هو منهنجو چوڻ نٿو ڪري، اڄ ترسي پيو ته پوءِ

اهي جواب ٻُڌي ٻولو تمام خوش ٿيو. ٻيو ته اٺ ڏينهن اٺ راتيون مارُوئَل وٽ محلات ۾ ويٺو رهيو ۽ ويچاري ڪرهي جي ڪابه خبر ڪانه لڌائين. اوچتو ڪرهي جي يادگيري آيس، ٻاهر نڪري ڏسي ته ڪرهي تي واري وري وئي آهي، فقط ڪنڌ ٻاهر رهيو اٿس. ٻول کي ايندو ڏسي، ڪرهو چوڻ لڳو:

ڪاري مٿي رو آدمي، ڌوري مٿي رو اونٺ،
نِڳُڻي سان ڳُڻ ڪيا، تاڻهي ٻڌيو ٿُونٺ.

(تون ڪاري مٿي وارو ماڻهو، آءٌ اڇن وارن وارو اُٺ. تو ٻي ڳُڻي سان مون ڳُڻ ڪيو ته اُن جي عيوض مون کي سَنگل ٻنڌڻ سان ڪٺي ٻڌءِ!)

ايترو چئي ڪرهي ساهه ڏنو، ٻولي کي اُٺ جي مرڻ جو ڏاڍو ارمان ٿيو، آخرڪار ٿوري گهڻي ڏينهن ڏاڍي ڌام ڌوم سان مارُوئَل کي، پنهنجي ملڪ وٺي ويو.

---

Nabi Bagh ... School
NISHTAR ROAD, KARACHI.

راجا ڳُجر کي ڏولو نالي هڪڙو تمام سهڻو پٽ هو. ان جي شاديءَ لاءِ مڱڻهارن ۽ ٻين ماڻهن کي وَڙولون وڌيون هئائين. اهي ماڻهو ڏِسيون گهمي آيا. جنهن ڏولو ڏٺو، سو چوي ته: هن صورت تي ٻيو ماڻهو ٿيو ئي ڪونه ٿو. نڪو اسان ڏٺو. اهي ڳالهيون هلنديون رهيون. راجا ڳُجر وٽ هڪڙو مڱڻهار هو، تنهن عرض ڪيو ته: مون کي جي هڪڙي ڏينهن جي مهلت ملي ته راءِ ٻنيءَ جي دربار ڏسي وڃان. راجا ڳُجر کيس منع ڪئي ته: تون مڱڻهار آهين. جتي ويندين، اتي ائين چوندا ته پنڻ آيو آهي. سو جي راءِ ٻنيءَ وٽ ويندين ته هو چوندو ته راجا ڳُجر اهڙو ٻڪيو آهي، جو سندس مڱڻهار ٻين راڄن ۾ پيا پنن؛ تنهنڪري تنهنجو اوڏانهن وڃڻ مناسب ناهي. مڱڻهار عرض ڪيو ته: وٺندس ڪڏهن ڪين. تڏهن راجا ڳُجر کيس اجازت ڏني.

مڱڻهار، ٻنگل گڍ جو شهر گهمندو گهمندو نَوَ ڪُوٺي محلات وٽ پهتو. ان وقت محلات تان هڪڙي عورت هيٺ لٿي، جا پوشاڪ مان کيس بادشاهزادي نظر آئي. مڱڻهار خيال ڪيو ته هيءَ عورت اڪيلي ڪيڏانهن ٿي وڃي، سو وڌي وڃي ان جو اڳ ورتائين. ڏٺائين ته هڪڙو ننڍڙو ٻار هنج تي کڻيو پئي وڃي. پڇيائينس ته: ڪير آهين؟ جواب ڏنائين ته: مون جهڙي ڪا وڃائي اٿئي ڇا؟ هن جواب ڏنو ته: نه. مڱڻهار فقير آهيان، پڇيم ته انهيءَ ۾ ڪو گناهه آهي ڇا؟ هن جواب ڏنو ته: آءٌ راءِ ٻنيءَ جي ٻانهي آهيان. منهنجي ٻُڪر ۾ راءِ ٻنيءَ جي نياڻي آهي، جا آءٌ پاليندي آهيان. هن کي ڪير پياري، ڪنيو پئي وڃان. مڱڻهار چيس ته: جهڙي اها نياڻي آهي، تهڙي آءٌ به راڄ-نياڻي آهيان، رڳو منهن تان پلؤ کڻي پاسي ڪر ته بادشاهه جي نياڻي ڏسان. ٻانهيءَ ڇوڪريءَ جي مُنهن تان پلؤ پاسي ڪيو، مڱڻهار جي نظر جڏهن شهزاديءَ جي منهن تي پئي، تڏهن

تيئن جند ڇڏائي وٺي ڀڄو ۽ يڪساهي ڊوڙندو پنهنجي بادشاه جي ڪچهريءَ ۾ اونڌي منهن اچي ڪريو. بادشاه چيو: آهي ته خير؟ چيائين: خير هجي ته هري هري ٻيو اچان ها، اڳي ڪڏهن آءٌ اهڙو ڀڄندو آيو آهيان؟ هاڻي اُن تي ٽپڙ وجهو ته پنهنجي ملڪ هلون، نه ته بادشاه کي اهڙو اکر چئي آيو آهيان، جو جاڻ ته لڙائي لڳي. بادشاه چيس ته: ويهه، تنهنجي چئي تي لڙائي ڪانه ٿيندي. جي بادشاه ميار رکي ته توکي ڪٽي چريو بنائيندا اسون. بادشاه کي چيائين ته: منهنجي پنيان جيڪي لڳا ٿا اچن، سي مون کي چريو ڪري ڪونه ڇڏيندا. اوهين ڀلي ترسو، منهنجي الله واهي. بادشاه چيس ته: جي ٽٽو وسهين ته سامهين جبل تي وڃي ويهه، جيڪڏهن لشڪر ايندو ڏسين ۽ لڙائي ٿئي ته ڀڄي وڃجانءِ. اها ڳالهه منظور ڪري، مڱڻهار وڃي ڪنهن مٿانهينءَ جاءِ تي ويهي رهيو.

هوڏانهن راءِ ڏيئي ڳٽتيءَ ۾ پهچي، پنهنجي محلات ۾ داخل ٿيو. جيتوڻيڪ پنهنجي راڻيءَ سان ڏاڍو قرب هوس، ڪچهريءَ بعد باقي رات راڻيءَ سان ڪلي گذاريندو هو، پر انهيءَ رات جيئن پنهنجي پلنگ تي آيو، تيئن وڙهجي سيڙهجي سمهي رهيو. راڻيءَ پڇيس ته: ڪهڙو غم اٿئي؟ بادشاه ڳالهه ڪري ٻڌايس ته هن طرح مڱڻهار کي مون چيو ته جيڪي گهرندين سو ڏيندوسانءِ. مڱڻهار مون کان ماريءَ جو سڱ گهريو. انهيءَ ارمان ۾ آهيان، جو ست راڄيءَ ۾ منهنجي بيعزتي ٿي آهي. راڻيءَ جواب ڏنو ته: "پنهنجي وڏيءَ جو ويچ لکو طبيب." نياڻيءَ جي زبان ٿيڙي هئي سا ٿي ويئي. بادشاه اها ڳالهه ٻڌي خيال ڪيو ته راڻي جيڪي چوي ٿي سو صحيح آهي. ڪرڻ به ائين گهرجي، جيئن مڱڻهار چيو آهي. پوءِ ته يڪدم چار ڏاها ماڻهو راجا گنجر ڏانهن موڪليائين ته ان کي پنهنجي ڌيءَ جي وهانءَ جي مبارڪ ڏئي اچو.

مرڻ کان پوءِ "مومل" حڪومت مان آڏ وٺي جدا رهڻ لڳي. مومل کي ڍولي سان شاديءَ ڪرڻ جو تمام گهڻو خيال هو، پر ڍولي هن سان شادي نه ڪئي. ڍولو ٻه ٿوري عرصي ۾ اچي جوان ٿيو پيءُ کي چيائين ته منهنجي شادي ڪيل آهي يا ڪندؤ؟ پيءُ جواب ڏنس ته: ٻَت، تنهنجي شادي ننڍڙي هوندي ئي "پنگل گڍ" جي راءِ پنيءَ جي ڌيءَ "مارئيءَ" سان ٿيل آهي. هاڻي جيڪڏهن ساهُرن ڏانهن وڃين ته ڀلي وڃ. ڍولو وڃڻ لاءِ تيار ٿيو پر چيائين ته: سؤ گهوڙا، هڪ رنگ ۽ هڪ قد جا ڏي، سؤ سپاهي، هڪجهڙا ۽ هڪ وهيءَ جا ڏي ۽ انهن سڀني کي پوشاڪ به هڪجهڙي پهريل هجي، مٿيون سڀ شيون ملن ته آءٌ وڃڻ لاءِ تيار آهيان.

راجا گُجر، ڍولي جي چوڻ موجب گهوڙا ۽ سپاهي چونڊي ڏنا. جڏهن ڍولو پيءُ کان موڪلائي وڃڻ لاءِ تيار ٿيو، تڏهن پيءُ چيس ته: انهيءَ رستي تي تنهنجي سؤٽ "مومل" جو شهر آهي، ان کان پاسو ڪجئين. ڍولو ۽ سندس سپاهي هلندا هلندا جڏهن مومل جي شهر کي ويجها ٿيا، تڏهن صلاح ڪيائون ته پاسو ڏيئي جهنگ مان هلون، تنهن کان چڱو آهي ته شهر مان هلون. مومل پاڻ کي ڇا ڪندي؟ سو هڪلي اچي شهر ۾ پهتا. مومل جي هڪڙي ٻانهي، اوچتو سپاهين کي ڏسي انهن کان پڇا ڪئي، جن ٻُڌايس ته اسين ڍولي سان گڏ سندس ساهُرين ڏانهن پيا وڃون. ٻانهي اها خبر ٻُڌي، مُٺيون ڀيڙي وٺي ڀڳي ۽ مومل کي اچي ٻڌايائين ته ڍولو ڄڃ سميت مارئيءَ ڏانهن پيو وڃي. اهو ٻُڌي هن يڪدم شهر جي ٻاهران سپاهي بيهاري، ڍولي کي چوائي موڪليو ته: آءٌ اوهان جي مهماني ڪريان ٿي، سا مهرباني ڪري قبول ڪريو. ڍولي اها دعوت قبول ڪئي پوءِ مومل، ڍولي کي سهيلين کان سوڻ ڪرائڻ جي بهاني تي محلات ۾ وٺي آئي.

رات جو ماني کائي شراب پيئڻ وينا تہ مومل شراب ۾ ٻاڻ پيتو، ۽ ڍولي کي اهڙي کا دوا پياري، جو هو بيهوش تي ويو. سپاهين مان فقط هڪڙو ڄڻو ڍولي سان گڏ محلات ۾ ويو هو؛ سو هن کي بيهوش تيل ڏسي، محلات مان هيٺ لٿو ۽ ٻين سپاهين کي وڃي ڄاڻ ڪيائين تہ: ڍولي کي نشو پياري، اتي ئي قابو ڪري ڇڏيو اٿن. اها خبر ٻُڌي هنن تياري ڪئي، تہ لڙائي ڪري بہ ڍولي کي ڇڏايون تہ ايتري ۾ مومل جا سپاهي مٿن اچي ڪڙڪيا ۽ هنن کان گهوڙا ڦُري، کين سنڌڻ شهر ڏانهن روانو ڪري ڇڏيائون. ڍولو گرفتاريءَ جي حالت ۾ مومل وٽ رهي پيو. اها ڳالهہ هلندي هلندي وڃي ٻنگل گڏ ۾ پهتي. وچاري مارئي اها ڳالهہ ٻُڌي افسوس ۾ پئجي ويئي، مومل کي اهو ڊپ هو تہ متان کو قاصد مارئيءَ جو نياپو کڻي ڍولي وٽ اچي، تنهن وري شهر جي چوڪين تي سپاهي ٻهاري ڇڏيا تہ کو بہ ڌاريو ماڻهو شهر ۾ نہ اچي. مارئي وچاريءَ ڍولي جي جند آزاد ڪرائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي ۽ اعلان ڪيائين تہ: اهڙو کو ماڻهو هجي، جيڪو ڍولي کي آزاد ڪرائي اچي تہ ان کي تمام گهڻو انعام ڏيان، پر ڪير بہ ڪونہ سنهيو. سندس سهيليون وري کيس روزانو اچي ڍولي جون ڳالهيون ٻڌائينديون هيون جنهنڪري هيڪاري غمگين رهڻ لڳي.

هڪڙيءَ رات مارئيءَ خواب لڌو تہ ڍولو موٽي آيو آهي، اتي خوشيءَ ۾ پرجي آرس موڙيائين تہ کٽ جي ايس پئجي پيئي. روزانو صبح جو مالهڻ هن کي ٻنجن گلن ۾ توريندي هئي، پر اُن ڏينهن، گُل کڻي اچي توريائين تہ سندس تور وڌي پيئي. تڏهن مالهڻ کي چيائين تہ: اها ڳالهہ ڪنهن سان بہ نہ ڪجئين. مالهڻ دل ۾ خيال ڪيو تہ رات محلات مان ڪات لڳي ويو آهي، تنهن ۾ کو بہ شڪ ناهي، هاڻي اها ڳالهہ جيڪڏهن

ڍولو، مڱڻهار جي ڳالهه تي اعتبار ڪري، شهر مان ٻاهر نڪتو ۽ سمجهيائين ته هوءَ مُئي ڪانهي، پر نڳي تي ڪري. پوءِ ته اُٺ کي وٺي چڪيائون، هڪلي وڃي ڪنهن رڻ پٽ ۾ پيا. سج لهڻ تي هو ته ڍولي خيال ڪيو ته اُٺ اسان سان جيڪو انجام ڪيو هو، سو ڪو نه ٻَريو، سج هتي ئي لهي ويو آهي. تڏهن اُٺ کي چيائين ته:

سج لٿڙي ويو ڏونگرين، وهيا ويا وڻين،
ڪاري ڪائي توکي ڪرهيا، تو ٻوليو کهڙي ڳُڻين؟.

تنهن تي اُٺ جواب ڏنو ته:

ڪَڍِ ڀيرن جا ٽانڪلا، ڍرڙي ڇڏ مهار،
هلان تنهنجي ساسري، گهر گهر ڏيان جُهار.

ڍولو اُٺ کي وهاري جان ڪٺي ڏسي ته برابر ڀيرن ۾ ڪيل لڳا پيا آهن. آهي ڪڍي وري اُٺ تي چڙهيا ته اُٺ واچوڙي وانگر هلڻ لڳو، تان جو رڻ پٽ مان لنگهي، وڃي ماروءَ جي ملڪ ۾ پهتو. برسات نه پوڻ ڪري پيا سڀ وڻ سُڪي ويا هئا، فقط هڪڙي چار رستي جي ڀرسان سائي بيٺي هئي. تنهن تي ڍولي، چار کان پڇيو ته:

ٻَڻ سُڪي ٻڻات ٿيا، تون ڪيئن سائي چار،
توکي سَڄڻ سينچيو، ڪِ تنهنجي پاڙ رَسي پاتار.

تڏهن چار جواب ڏنو ته:

نڪي مون کي سَڄڻ سينچيو، نڪي پاڙ رَسي پاتار،
مارڳ ويندي مارئي، پنهنجو ڪرهو لاڙيو ڏار.

اها ڳالهه ٻُڌي ڍولي اُٺ کي چيو ته:

تاهي تاهي سُڄاڻ، مارل جي هيءَ ٻات،
حيف هُجي توکي ڪرهيا، اجا رڻ ۾ وڃهين رات!

پسند آيو، سو تورو وقت اتي ترسي پيو. مومل يڪدم نشي جون ٻوتلون گهرايون ۽ مڱڻهار کي چيائين ته: اڄ هن کي نشو ٿي پيارڻ ۽ تون هن کان مُنڊي گهُري وٺ، ڇو ته جيڪڏهن اها مُنڊي هٿ ۾ هونديس ته دارون نشو ڪو نه ڪندو. مڱڻهار هائوڪار ڪئي ۽ مارئيءَ کي چيائين ته:

ويهه نه ٿي ويسلي، اَنڙا تون نه اوڳار،
هُجين سهيلي مارئي، ته ڍولو ڀاهون وار.

اهو بيت ڍولي ٻه ٻُڌي ورتو. هو سمجهي ويو ته مون لاءِ ڌوهه ٿي رهيو آهي، سو يڪدم اُٿي ڪڙو ٿيو ۽ محلات مان نڪتو. مومل ترسڻ لاءِ گهڻئي منٿون ڪيس، پر هن نه مڃيو ۽ مارئيءَ کي اُٺ تي چاڙهي ڏيت ڏانهن روانو ٿيو. رات اچا گڏي پئي هئي ته ڪرهو وڃي ڏيت ۾ پهتو. ڍولي ڏٺو ته جيڪڏهن رات جو محلات ۾ وڃبو ته هرو ڀرو پيءُ کي تڪليف ٿيندي، تنهنڪري پنهنجي باغ ۾ ترسي پيا.

باغ ۾ مالهي پئي باغي ورايو، مارئيءَ جي حُسن جو اهاءُ ڏسي وڃي راجا گُجر کي ٻڌايائين ته: باغ ۾ ڪا روشني نظر آئي اٿم، تنهنڪري ڏسجي آيو آهيان. راجا گُجر پنهنجي ماڻهن کي روانو ڪيو. هنن يڪدم موٽي اچي کيس مبارڪون ڏنيون ته ڍولو، مارئيءَ کي وٺي خير سان پهتو آهي. راجا خوش ٿي کين محلات ۾ وٺي آيو. پوءِ ڍولي ۽ مارئيءَ حياتيءَ جا باقي ڏهاڙا پيار ۽ محبت سان گذاريا.

## روايت [V] *

# تعلقي سنجهوري جي ڳالهه

ڪنهن زماني ۾ ٿر ملڪ جو حاڪم ”راجا انيراءِ“ هو. هڪڙي ڀيري سندس ملڪ ۾ اڃ ڏڪار پيو. راجا سڄي رعيت کي گهرائي، صلاح ڪئي ته ٻه-ٽي ڏينهن سانگ جا هلي ڪنهن ٻئي ڏيهه ڪاهيون ته چڱو. اها ڳالهه ٻڌي مال متاع ڪٺي نڪري پيا. ڪاهيندا ڪاهيندا ٿوري گهڻي ڏينهن اچي ”راءِ ٻنگل“ جي ملڪ ۾ نڪتا. ملڪ هو سکيو ستابو، مال جو چراهو چام، سو اتي خيما کوڙي ويهي رهيا. منجهانئن کي چار چڱا لنگهي ويا راءِ ٻنگل وٽ. ان سان دل جو حال اوريائون. راجا به چڱو آدرڀاءُ ڪري، پنهنجي ملڪ ۾ رهڻ جي موڪل ڏني.

ڳالهيون سگهيون ٿين، ڏينهن پنهنجي مُدام تي گذرن. بهار جي موسم آئي، جهنگلن ۾ جهوم لڳي وئي، هرطرف کان گلن ڦلن جي هٻڪار اچڻ لڳي. منگتا فقير، بهار جي منڊ ۾ ڪينرو ڪلهي ۾ وجهي، سرنهه جا گل ڪٺي، بادشاهن ۽ اميرن جي در تي وڃي راڳ، ڳائيندا آهن، ۽ بهار جي واڌائي ڏئي، دان گهرندا آهن. راجا انيراءِ سان به ڪو منگتو گڏ هو. سو انيراءِ کان موڪلائي، ڪاهي پيو راءِ ٻنگل جي راڄ ۾. آخر هڪڙي ڏينهن وڃي راءِ ٻنگل جي در تي سَپُن هنيائين. راءِ ٻنگل کي ”مارل“ نالي ڌيءَ هئي، جا اُن وقت ننڍڙي هئي. هوءَ تمام

---

* پير شاهنواز شاهه ”عارف المولائي“ (تعلقو شهدادپور) جي قلمي بياض تان ورتل. جنهن محمد حاجي، ويٺل جمڙائو جي ڀاڄي موري لڳ (تعلقو سنجهورو) جي زباني قلمبند ڪئي.

ڍول ويچار ۾ پئجي ويو ته پنھنجي مڱينديءَ جو نالو ڪيئن وٺان! سو جواب ڏنائين ته:

ڪنھن نه مون کي ماريو، ڪنھن نه ڇپا مون کي ويڙ،
ساٿيھ پنھنجو ساريم، تڏھن نيم وھايم نيڻ.

انيراءِ ڍول جو اھو جواب ٻڌي، دل ۾ چيو ته: مارا! اسين وڏا به پنھنجو وطن وساريو ويٺا آھيون، پر ھن ٻالڪ کان اڃا ساٿيھ جي سڪ نه وئي آھي! اھو خيال ايندي ئي وطن ڏانھن ورڻ جي سنمت ڪيائين. راھ پنگل گھوٽئي روڪيس، پر ھاڻي ھن لاءِ ھڪڙو ڏينھن به سال برابر ٿي آيو ھو، سو ٿوري گھڻي ڏينھن اچي پنھنجي بادشاھيءَ ۾ نڪتو.

گھڻي زماني ۽ وڏي مفاصلي سبب انھن ٻنھي دوستن جي وچ ۾ ويڇو پئجي ويو. ڍول ۽ مارل به اڄ ننڍا، سڀان وڏا، نيٺ اچي جوان ٿيا. سندن مائٽن به خيال ڪيو ته ٻري جون ميٿيون ڪير سنڀاليندو ۽ ڪير ٻيو ڏيھ ڏوريندو؟ سو ٻنھي کي وري پنھنجي پنھنجي ملڪ ۾ مڱائي ڇڏيائون. ھاڻي شادين جون تياريون ھيون ته ڍولي کي ڪنھن عورت طعنو ھنيو ته: تون ته راھ پنگل جي ڌيءَ ماروءَ سان مڱيل آھين، اھا ڇڏي وري ھت ٿو ونگجين! اھو ٻڌي ڍولي، پيءُ کي چيو ته: بابا! آءٌ پنھنجي مڱ ڳولي لھندس. پوءِ ته ڍول به سھي سنيري لشڪر وٺي، ماروءَ جو ملڪ ڳولائي نڪتو ۽ ڪَھندو ڪَھندو اچي اُنھيءَ ملڪ ۾ پھتو، جنھن راجا سان ماروءَ جي شادي ٿيڻي ھئي. اُن راجا جي پيمڙ کي جڏھن خبر پئي، تڏھن ھن ٻاڻ ڳي مارل مشھور ڪيو ۽ ماڻھو پکيڙي ڇڏيائين ته ڍول کي ڪنھن به حيلي سان وٺي اچو. نيٺ ڍولو، ھن جي قبضي ۾ اچي، ڪيس مارو سمجھي، اتي ئي ويھي رھيو.

تهين نوبلي سيپلي، ڏند ٻتيھ سير وات،
اُٺي مارل سجاڳ ٿي، متان انگ لڳني مرجات.

تڏهن مارل ڪرَ موڙي، مُنهن تان پاند هٽائي، ڍول کي جواب ڏنو ته:

ٻري ويھ نہ ڍوليا، هيئون هيئين سان آڻ،
مارل پلي ماڻئين، جيئن چڪوڙي زهہ ڪماڻ.

ٽي ڏينهن گهر ۾ ويٺو رهيو. چوٿين ڏينهن ياد آيس ته مار! اٺ جو جيڪو گوڏو ٻڌي ٻاهر ڇڏيو هئم، تنهن سندس خبر ڪانه لڌم. ٻوءِ ته يڪدم ٻاهر آيو ۽ اٺ جو گوڏو ڇوڙيائين. تڏهن اٺ ٻولي ڏانهن منهن ڪري چيو ته:

ٻي ڪُٺي سان ڳُرڻ ڪيم، جنهن تاڻي ٻڌي ٽنگ،
هاڻي آءٌ وڃان ٿو ٻوڙيئي، تون هٿ ڪر ٻيو اُٺ.

ائين چئي اٺ پنهنجو ڳس وٺي هليو ويو ۽ ٻولو وڃي ماڙل سان سکيو ٿيو.

ٻڌي مارئيءَ ٻنهنجي پنار ڍوليءَ لاءِ واجهائڻ لڳي. آخرڪار معلوم ٿيس تہ ڍوليءَ کي ڦولان مالهڻ سحر ڪري روڪي ويهاريو آهي.

مارئيءَ ڪئين قاصد ڍوليءَ ڏانهن موڪليا. پر ڦولان مالهڻ اهڙو بندوبست ڪري ڇڏيو هو، جو ڪوبہ ڏاريو ماڻهو ڍوليءَ سان ملي نٿي سگهيو. آخرڪار مارئيءَ هڪڙي مڱڻهار کي موڪليو، جنهن اَتي وڃي، سُرندو وڄائي، ڳائڻون ڏيئي، ڳائڻ ۾ ڍوليءَ کي سڄي ڳالهہ سمجهائي تہ: ڍوليا! تنهنجي شادي مارئيءَ سان ٿيل آهي، جنهن جهڙي سهڻي عورت ٻي ڪانہ لهندي. ڍوليءَ اها ڳالهہ ٻڌي ڦولان کي ڇڏيو، اُٺ تي سوار ٿي، مڱڻهار سان گڏجي، مارئيءَ کي اچي مليو.

*هي روايت تہ ڳجهي فقير مڱڻهار، وينل ضلعي ٿرپارڪر جي زباني قلمبند ڪئي وئي.

# ڍول - مارو جو ٻاهريون قصو

(ٻاڱو ٻيو)

# ڍول - مارو جو ٻاهريون قصو

[هن قصي جون ٻه روايتون هن بعد شامل ڪيون ويون آهن. (١) پهرين روايت پروفيسر جهمٽمل خوبچند ڀاوناڻي (بمبئي) جي ڇپايل ڪتابڙي "ڍولا-مارو" تان ترتيب ڏني وئي آهي. (٢) ٻي روايت پڻ گجراتي ٻوليءَ ۾ ڇپيل ڪتابڙي جو ترجمو آهي. انهن ٻنهي روايتن جو زياده تر مدار هندي ۽ گجراتي ٻوليءَ جي دوهن تي آهي.

سنڌ کان ٻاهر هيءُ قصو "ڍولا-مارو" جي نالي سان هلندڙ آهي ۽ قصي جي سٽاءَ پڻ سنڌ ۾ عام رائج قصي کان قدري مختلف آهي. جيئن ته:

نرور جي راجا کي "ڍولا" پٽ هو ۽ پنگل جي راجا کي "مارئي" نالي ڌيءَ هئي. تيرٿ جي موقعي تي ٻنهي راجائن جي دوستي ٿي. ڍولا ۽ مارو اڃا ننڍا هئا ته کين پرڻائي ڇڏيائون. وڏي هوندي ڍولا ۽ مارو کي انهيءَ پرڻي جي يادگيري ڪا نه رهي. ڍولا، مالوڻيءَ سان شادي ڪئي. مارئيءَ خواب ۾ ڍولا کي ڏٺو، ۽ پيءُ مان حقيقت معلوم ڪري، هڪڙو مڱڻهار ڍولا ڏانهن موڪليائين. مالوڻيءَ کي ڍولا ۽ مارئيءَ جي شاديءَ جي خبر هئي، تنهنڪري ڪنهن به ڌاريي ماڻهوءَ کي ڍولا سان ملڻ نه ڏيندي هئي. مڱڻهار ڪنهن حيلي سان ڍولا کي ملي، يادگيري ڏياري، پنگل ۾ آندو. ڍولا، مارئيءَ کي وٺي موٽيو ته واٽ تي اومرا نالي هڪ راجا، مارئيءَ کي ڪڍي وڃڻ لاءِ پويان ڪاهيو، پر ڍولا ۽ مارئي سلامتيءَ سان نرور وڃي پهتا.

٢٣- بابھئيا! ھؤنُ گھر ڏکڻ، چانبڪ ھمارو گام،
ساري رات ڪاريھ، لئہ لئہ پيُ ڪئہ نام.

(بابيھا! آءٌ گھر ڏيائي آھيان، منھنجو ڳوٺ ڇڏي وڃ، جو ساري رات، پيءُ جو نالو وٺي ڪاريو اٿئي.)

٢۴- بابھئيا! تون چور، ٿاري چانچ ڪناوَسون،
رات جي ديھنُھي لور، مين جاڻيئہ پري آويئہ.

(بابيھا! تون چور آھين. تنھنجي چهنب ڪٽائيندس جو ته رات جو تو وٺي لنئيو ته مون ائين ڀانيو ته پرين اچي ويو آھي.)

٢۵- اري ٻپئيا ساٺوَرا! آڌي رات نہ ڪوڪ،
ھواي ھواي سُلگتيي، سو تو ڏاري ٿوڪ.

(اڙي ٻپئيا! آڌيءَ رات جي وقت نہ ڪوڪ. منھنجي برھ جي باھ آھستي آھستي ٻيٺي دُکي تنھن کي تون ٿوڪي تيز ڪري ٿو ڇڏين.)

٢٦- بابئھيا! چڙھ ڪوڳ سين، چڙھ اُونچھري پيٺ،
منت ھي صاحب باھُڙءِ، ڪئہ ڳڻ آوءِ چيت.

(پيھا! تون ڇپھريءَ تي چڙھي ويھ، تون اونچيءَ پٽ تي چڙھي ويھ. ڏس، متان صاحب جي من ۾ ڪا ڳالھ اچي ياد ٻوي ۽ موٽندو ھجي!)

٢٧- رات جي سارس ڪرَ ليا، ڳونجھ رھي سب تال،
جنڪي جوڙي بيڇڙي، تنڻ ڪا ڪوڻ حوال؟

(رات جڏھن ھنس ڪي ڪريڙيو (سوز ڀريئي آواز سان لنئوريو) تڏھن سارو تلاءُ ڳونجي رھيو ھو. جنھن جي جوڙي وڇڙي تنھن جو ڪھڙو احوال ڪبو؟)

(ساڄن! تون جي مينهن جي ڦڙئين ٻوڙ ۾ نه آئين ته وڇان واهه وهي ويندا؛ جيڪي ڍور آهن، سي هيڪاري ڍور ٿي ويندا.

٥٤- جيئن تون صاحب ناويئن، ساڻوڻ ڀلي تيڄ

چمڪ مريسي ماروي، وڪ کونئا وڄ.

ساڄن! جي تون ساڻوڻ جي ڦڙڻ ۾ تيڄ تائين نه آئين ته هيءَ ماروي وڄ کي ڪوندو ڏسي سندس چمڪات ڏسي مري ويندي.)

وري ٻادلن ۾ وڄون چمڪن ته ڪيس ڳالهه ٿيا لڳن:

٥٥- ٻيڄليمان ڇهلا وهل، آ ڀئين آ ڀئين ايڪ

ڪندي ملون اڻ سڄڻان؛ ڪرڪاجل کي ريڪ

٥٦- ٻيڄليمان ڪيڻو لائيسان، آ ڀئين آ ڀئين ڏوڀ

ڪندي ملون اڻ سڄڻان، ڪيس ڪنچو ڪيي کوڀ.

٥٧- ٻيڄليمان جهبڪائيان، آ ڀئين آ ڀئين ترڀئين

ڪندي ملون اڻ صاحبا، جو ٻستا ٻر ڏڀهه.

٥٨- ٻيڄليمان جهيل ميل ڪيان؛ آ ڀئين آ ڀئين چهار

ڪدري ملونءَ ليي سڄڻان لانڀمي ٻانهه پسار.

٥٩- ٻيڄليمان ڇهلا وهل، آ ڀئين آ ڀئين آ ڀئين پنڄ

جڻ ڏڻ والا لاڳيسي، ساڻ سيسيءَ مڻڄ.

٦٠- ٻيڄليمان ڇهلا وهل، آ ڀئين آ ڀئين ڇهه

ڪندي ملون اڻ صاحبا، او تارنئي سيهه.

(ماروئڙي! تون منهنجي من اندر سمايل، توکي منهنجي دل جي سڀ خبر آهي. مرگهه نئڻي! ڪلي موڪل ڏي ته هڪ ڏينهن ڏيساور تان ٿي اچان.)

تڏهن ماروئڙي وراڻي ڏني ته:

١٢٨- ڪنگ نرور آت ڊيپتا، اونچا محل آواس
گهرَ ڪامڻ هرڻاکيا، ڪيسَ ڊساورَ جاس؟

(هيءُ نرور ڳڙهه نهايت ڀڪندڙ، هن محل جون ديوارون اوچيون، گهر اندر توکي ڪامڻ مرگهه نئڻي، آهي ڇڏي تون ڪيئن ڏيساور تي ويندين؟)

ڍولا جواب ڏنس ته:

١٢٩- سڌَ سهسي ايکوتري، سر موتيهر سڌ
نڊي نواسڌ اترءِ آڻون ايک آوند

("توهان جهڙي سمنڊ ۾ گهڙي، هڪ لک هڪ سؤ هڪ جو، شڌ موتي آڻي ڏيانءِ.")

تڏهن ماروئڙي ڏک ۾ ڀرجي چيس ته:

١٣٠- مرجيوڙ ڀاڙي تڻَ، سالهه! اگهڻ ڪاڄ
ڏک سهڻا ڀرا ڊيڻ، ڪَمَنت ڊساورَ جاءِ

(ڍولا! ڀاڙيءَ ۾ توهان کي ڪي جانور صفائيءَ سان ڪائي ڇٽ ڪري ڇڏيندا. اهو ڏک سهڻ ۽ اوسيڙو رکڻ آهي. جو ڪانڌ ڏيساور تو وڃي.)

ڍولي وراڻي ڏني ته:

١٣١- ايڊر ڪي ڏر اُنلگڻ، جسَ تون ڪهسَ ته جانُهه
آڻت گهڙائون آيرَن، ماروئڙي! ميلانهه؟

(جي تون چوين ته ايڊر جي ڌرتي اورانگهي تولاءِ گهڻو گهڙائي اچان. ماروئڙي! ڇڏي وڃانءِ؟)

(ڪوٺي قسمت وارن جا ٻرڀن اهڙا، جهڙا ڪنتيءَ جا ڪکر. آڌ ممر گهٽوئي ڏيکارين ٿا منجهانئن آس پوري ڪانه ٿئي. نه هو وسن، نه هو وڙڪن.)

١٩٣- ڍولا! ٻريتي ڪوُت ڪيي، دونون ٻاسي دُک
ڪيجهي نه ڪاٺي ٻنگن ڪئون، رجهي نه
چاٺي مُک.

(ڍولا! ڪنتي جي ٻريت، ٻنهي ٻاسي ڏُک. خار ٿئيس نه ٻيو ڪاٺي، رجهي نه مُنهن چٽي.)

١٩٤- ناتا نيهه نه ڇودهي، جو هوُٺي سا هوءِ
ٻريت ڪري ڦيرجايه جو، اوڇيي ڪهيئه سوءِ.

(چا به ٿي وڃي، پر نينهن جو ناتو نه ڇڏجي. ٿيي سا ٿيي، جيڪو ٻريت ڪري ڦري وڃي، سو ٻيڙو سڏجي.)

١٩٥- چوٽري نرڪهي بيت مين، رهي نه موٺيي بات
آڌ سير ڪهي ٻات مين، ڪم هي سهير سمات؟

(چوٽي ماڻهو جي بيت ۾ وڏي ڳالهه رهي ڪانه سگهندي. اڌ سير جي ٿانءَ ۾، سير ڪيئن سمائبو؟)

مالوڻيءَ کي اوجاڳو ڪندي ٻندرهن ڏينهن گذري ويا، هن هڪ ٻئل جي لاءِ به اک ڪانه ٻوري ته متان ڍولا هليو وڃي. نيٺ سورهين ڏينهن کيس ننڊ جو جهُوٽو اچي ويو. ڍولا به کيس جاچيو ويٺو هو، سو ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ اُٺ تي چڙهي روانو ٿيو:

١٩٦- ٻنڌرهه دن ٿيي جاڳتي، ٻيره سوُن وٻيڇ
ڪهنت
ايڪ دوس نيندرا ستيل، سوُتيي جاڻ
نيچنت.

٣٣٣- وِرهه وياڳي، رئيڻ پر، پريتم وڻ تن کيہڻ،
ويڄڻ آلاپي، ديک سنس، کيس گهڻ
ميلهي ويڄ؟

(پرهه پر وياڪل، سڄي رات پريتم ٻنان، بدن پر ڏٻري، ويڄ (ساز) وڄائي رهي هئي، پر چنڊ ڏسي، ڪهڙي سبب ويڄ ٻاسيري رکي ڇڏيائين؟)

مارئي وراڻيو ته:

٣٣٤- ويڄ آلاپي ويک سنس زيتڻي ناد سناپيڻ،
سنسيهر ميرگنهه رت موهيئه، تيڻ هنس،
ميلهي ويڄ.

(ويڄ وڄائيندڙ استريءَ ڏٺو ته چنڊ سندس وڄندڙ ۽ سلونو آواز ٻڌي، پنهنجي رٿ جي هرڻ سوڌو هوش وڃائي ويٺو، سو مرڪي استريءَ ويڄ ٻاسيري رکي ڇڏي.)

ڍولا چيو:

٣٣٥- سُندر چوري سنيگر هي، سڀ ليهڻا سيڻگار،
نڪ ڦُولي ليندڙي نهين، ڪهي سک
ڪوڻ وچار؟

(چوڙ، سندريءَ کي ڪڙيو ۽ سندس سڀ سينگار لاٿائين پر نڪ جي ڦلي ڪين ڪنيائينس، سو سکي، ٻڌاءِ ته ڪهڙي ويچار ڪان؟)

مارئي وراڻيو:

٣٣٦- آهر رنگ رتڻ هوءُ مُک ڪاجل مس ورن،
جاڻيڻ گنجا ڦل آڇڻ، تهڻ نه ڍوُ ڪڻ
مَن.

(نڪ جي ڦلي چپن تي لڳل رنگ سان لال ٿي ويئي، ان جو

٣٤١- مُهين ني ڍولا جهُونٽيا، مُهانُون آوي ريس
چووا ڪيري ڪُونپلي، ڍولي صاحِبَ
سيس!

(ڍولا جو مون کي ائين جُهمبي ويو، سو مون کي به ريس ٿي. مون به سڳنڌي تيل جي ٽِڙي سان وٺي صاحب جو مٿو ڌوتيو.)

٣٤٢- پهلي پوهري ريڻ کي، ڍُولا اُنبر ڍُول
ڌڻ ڪستُوري هُئَ رهي، پيرو چمپارَ ڦُول.

(رات جي پهرئين پهر، آڪاس ۾ ديپڪ لُڏي رهيا آهن. هيءَ پريتما ڪستوري تي رهي آهي ۽ هو پريتم چمپا جو گل.)

٣٤٣- دُوجهَ پوهري ريڻ کي، مِلييت ڪَنڪا ڪُنَد"
ڌڻ ٻالپي، پيءَ ٻاڪريئَ، وهَن پلاڻي ڦُند.

(رات جي ٻئي پهر ۾، ٻئي هڪٻئي ۾ جُهمبي ويا. استري پيدل، ڌڻي سوار، لڙائي لڳي.)

٣٤٤- تيرڄهي پوهري ريڻ کي، ميليا تيها تيهه
ڌڻ تهن ڌرتي هُئَ رهي، ڪَنٿ سهاوي
ميهه.

(رات جي ٽئين پهر، ائين جو ائين مليا آهن. استري آهي ڀُوميءَ سمان، ڪانٿ آهي ميگهه سمان.)

٣٤٥- چوٿي پهرئي ريڻ کي، ڪُوڪر ميلي رال
ڌڻ سنڀالَ ڪَنڃُوري، پيري مُوڇان را بال.

(رات جي چوٿين پهر، ڪُڪڙ بانگ ڏني آهي. زال پنهنجي ڪَنڃري ٻيهڻي سنڀالي ۽ مُڙس پنهنجين مُڇن جا وار پيو وٽي.)

٣٤٦- پنڇمي پرهريءَ ديهريءَ، سائڌڻ ديئَه ٻُهار
رم جهم رم جهم، هُئَ رهي، هٿ ڌڻ تيري
جُهار.

ٻوءِ نرور ۾ آنند ٿي ويو. مارئي توڙي مالوڻي، هڪڙي ئي پتار سان ساڳئي محل ۾ گهڻي پريم سان گهارڻ لڳيون.

٣٧٥- مـاروڻـي نـڻـدَ مـالـوڻ ڏيـولـڻـدَ تـڻ پـرتـار  
ايڪڻ مندر رنگ رمڻ، ڪي جوڙي ڪرتار.

(مارئي ۽ مالوڻي، تن جو پتار ڏولو، هڪ مندر ۾ سيئي گذارين ٿا، ڪرتار اها جوڙ جوڙي)

٣٧٦- آڻنڊ آت، اڇـاهـ آت، نـرور مـانـهه ڏول  
سنيهي سهڻان تـڻـان، ڪلجڳ رهيا ٻول.

(گهڻو آنند، گهڻو اتساهه آهي جو نرور ۾ ڏول تو رهي. سڄڻ سنيهين، پريتمن جي هي وارتا، ڪلجڳ ۾ ٻڌائڻ لاءِ رهجي ويئي.)

## روايت [٢]*

ٿر مُلڪ ۾ ”ٻنگل گڍ“ نالي هڪ سهڻو شهر هو. هن بادشاهيءَ جا رهواسي سکيا ستابا هئا. هن شهر جو حاڪم ’ٻنگل سين‘ نالي هڪڙو ڄاڙيچو جاگيردار هو. سندس زال جو نالو ”راجيا“ هو ۽ کين ”مارئل“ نالي هڪڙي تمام سهڻي ڌيءَ هئي. اُن وقت ڪڇ رياست جي اُڀرندين ڪُنڊ ۾ ”ننگر ٺيڏا“ نالي شهر هو، جنهن تي ”نارسين“ نالي هڪڙو ناليرو راجا راڄ ڪندو هو. سندس نياءَ سببان سارو شهر خوش گذاريندو هو. ”نارسين“ کي ”ڍولو“ نالي هڪڙو سهڻو پُٽ هو.

جڏهن ڍولو ٽن ورهين جي وهيءَ کي پهتو، تڏهن نارسين، گرنار جبل تي ”امباجي“ جي تيرٿ ياترا لاءِ پنهنجي راڻيءَ راجيا ۽ ڍولي سميت روانو ٿيو. گهوڙيسوار ۽ پيادن جو لشڪر به سندس پٺيان آهستي پئي آيو. گرنار کان اڃا ٻارهن ميل اوريان هئا ته هڪ ٻي سواري سيگهه مان ايندي ڏٺائون. سهي ڪيائون ته اها سواري به ڪنهن راجا جي ٿي ڏسجي. سو راجا نارسين پنهنجو رٿ اڳيان ڪري، هنن کان پڇڻ لڳو ته: توهين ڪٿان ٿا اچو؟ جواب مليو ته: ٻنگل گڍ مان، ۽ آءٌ ٻنگل سين ڄاڙيچو، اُتي جو راجا آهيان. پر اوهين ٻڌايو ته ڪير آهيو ۽ هيڏي ڪٽڪ سان ڪيڏانهن پيا وڃو؟ نارسين وراڻيو ته: ڪڇ ۾ ننگر ٺيڏا رياست جو راجا آهيان، پنهنجي پُٽ ڍولي کي تيرٿ ياترا ڪرائڻ لاءِ گرنار پيو وڃان. ٻنهي جي خوشيءَ جي حد نه رهي، ڇاڪاڻ ته ٻئي ڄڻا، ساڳئي هنڌ ۽ ساڳئي ارادي

* هيءَ روايت منگهارام ”اوجها“ (تعلقو ننگرپارڪر) کان پهتي، جا هن ڪنهن گجراتي ڪتاب تان ترجمو ڪئي.

سانگا! ميرو سَنڌُ ڀسڙو، سانوڻ ڀلي ٽيج
آنکيئي ڪاجل چوڙيئو، ٻاوي ڪائين نہ چيج.

(اي سانگا! ٻولي کي وڃي ٻڌاءِ تہ هي سانوڻ جي ڀرين ٽيج آهي. تنهنجي وڇوڙي ۾ اکين ڪجل ڇڏي ڏنو آهي، ۽ ڪنهن بہ چيز تي دل نٿي ٿئي.)

سانگا! ميرو سَنڌُ ڀسڙو، ٻولي ـ نان ڀوتاڙ
ڪيڻ رَس ڀڪي ڪيڪي، رس گهوتڻ
گهري آءِ.

(اي سانگا! ٻولي کي منهنجو نياپو وڃي ڏي تہ ڪيتڪي جو گل ڀڪو بينو آهي، رس چکڻ لاءِ جلدي اچ.)

جا ڀنترَ ڀرمر تي، جيان ڀراڻ آڌار
هيئڻ راکي ميتَ تي، جها جها ڏي جُهار.

(اي ڀرمي ڀنر، جلدي اوڏانهن وڃ جيڏانهن منهنجو ڀراڻ آڌار آهي. ۽ منهنجي محبوب کي ڀيار سان وڃي نياز ڇڱان.)

مهيندي رَڱڙون ڀيت ڀر، ڏيان هار آثار
بالم ٻين معلوم ڀڙي، سڀ ڦيڪو سڻگار.

—

ٽيڪيي ٽاڪئون آنگڻي، ڪاجل ڊالون ڏوءِ
نيڻ نير سيون اُوجهلي، ڪيڻ وَڏروڪسي ڏوءِ.

—

ساجن مين تَسان جوڙيو، ٻارَهي تيرهي ماس
اکئين ڪاجل چوڙيو، هيئين چوڙي نہ آس.

—

چندن ڪاٺ چيرا ڪر، رڻ ۾ ڏيجو داڳ
ٻولو اڃان نہ آريو، ماروئل ڀڙي آياڳ

(سنڌس سون جهڙو رنگ، ٻار جهڙو نازڪ بدن، سنهڙي چيلهه، ۽ ميرگهه جهڙيون اکيون آهن. اها ڪيئن وسري جنهن جي جان هڪ ۽ ڳڻ لک آهن.)

ڍولا! تاري ڏيس ۾، ڏيکتا تيين رتن
هيڪ ڍولو، ٻيجي ماروئل، تيجو ڪسونڀو
رنگ.

(اي ڍولا! تنهنجي ديس ۾ ٽي هيرا آهن. هڪڙو ڍولو، ٻي ماروئل ۽ ٽيون ڪنهنبو رنگ.)

ٻينس مکڻي ڏيڏر لڪي، جاڏا چپ ڏپ چڪ
سو ڏائڻ ڪر سنهري، هيڪ جيو ڏک لک.

(تنهنجي مالوڻي جو منهن مينهن جهڙو، چيلهه ڏيڏر جهڙي، چپ ٿلها، ۽ اکيون تمام سنهڙيون آهن. اها ڏائڻ ڪيئن ياد پوي جا هڪ جان ۽ لک ڏک آهن.)

هڙ وڙ هالي ٻڙ ٻڙ ٻولي، ڪيچ گهڻيرو ڪاهه
ڍولا! تاري مالوڻي، آنو ٻهر اونگهاهه.

(اي ڍولا! تنهنجي مالوڻي جو هلڻ ڀرو ۽ ڳالهائڻ ڪانو جهڙو تيکو ۽ ڪڙو آهي، ۽ سارو ڏينهن ڪائڻ ۾ ٽي وڃائي ۽ اٺ ئي ٻهر ننڊ ۾ ستل آهي.)

ٻيهنڏي جيري ٻتلي، ڪڙ ڪيهر ڪٽو
اي ڏڻ ڍولا ڏاريئي، ماتي رکي رٽو.

(اي ڍولا! جنهن جو جسم سنهڙو، ۽ چيلهه شينهن جهڙي سنهي هجي، اهڙو حسين هيرو سيڙ قرض ۾ رکي ٻه هٽ ڪجي.)

ٻيهنڏي جيري دڳ دڳي، جهاجهي لتمڪي
ليڪ
سوڏڻ ڍولا نه ڏاريئي، تيسين ٻلڪيري ليڪ.

ڍولو مَن وياڪل ٿيو، مارُوءَ ملڻ وا آج
هوت ڀانڪوُن اَڏ ملڻ، سُلهي ٿي آج.

(ڍولي جو مَن وياڪل ٿيڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو ته ڀَرَ هجن ته هڪ گهڙي به دير نه ڪريان، اُڏامي وڃي ماروءَ کي ملان.)

ڍولي هڪ گهڙي به ترسڻ مناسب نه سمجهي، سانگوءَ کي تيار ڪيو ته مون سان گڏجي مارو وٽ هل، ۽ پاڻ مارو ئل ڏانهن هلڻ جي تياري ڪرڻ لڳو.

ڀَرَ نهين ڀانوَ نهين، ڀيڄ نهين ڀيوُ دوُر
اُڏ نه سکهان سهيليان، مرون سوُر به سوُر.

—

ڀَر هوءَ تو اُڏ ملون، مجهه نيت نيت مارَتَ ڀيڙَ
جيوُن جيوُن ساجن سنيري، تيوُن تيوُن
لاگت تيرَ.

—

هَرَ هَرَ ٽاڪس مارِيو، مهي وِلور تي مَٿَ
تڏڪي وِچڙي گورل، رهي ڪَشي تَرَ وَتَ.

ڍولي جي بي آرامي ۽ ماروءَ سان ملڻ لاءِ بيقراري جي خبر چندراولي ۽ مالونيءَ کي پهچي ويئي، تن ڍولي کي ڌوهي وجهڻ لاءِ هڪ نئون گهاٽ گهڙيو. مالوني هار سينگار ڪري، ڏاڍي ناز نخري سان ڍولي جي اڳيان وڃي وٺي چوڻ لڳي ته:

پيراڻَ پياري ڀَرَ هَرِي، جاسو ڪيٺا جيوَنَ
ڪَهي جادوگري جيٺيو، موهن تُمارو مَن؟

(اي پراڻ پيارا! مون کي ڇڏي ڪيڏانهن تو وڃين؟ ۽ پڌاءِ ته ڪهڙي جادوگرڻ تنهنجو من جيتي ڇڏيو آهي.)

ڍولي جواب ڏنو ته:

هَوِي ڳَمي نهين مُڇهه ۾ نين، مالوني مُک تارُون
ڪَرَ مارُوُ مُوڪ نين، سانيھَڙي مارو.

(اي مالوني! هاڻي تنهنجو منهن مون کي نٿو وڻي. منهنجي لاءِ مارُوئڙن کان سواءِ سڀ اونداهه آهي.)

تڏهن مالوڻي چيو ته:

جُوليي ڀَرَهَڙي ڀريت، نٿين ڪَرَ سونهين
ناٿ جي
تسو ڏڪيا ڪَڇِيبتَ، مالوني نيي ڀَرَهَڙي.

(اي ڍولا! ڀراڻي ڀريت ڇڏي نٿين نه ڪر چو ته مون کي ڇڏي ڏکيو ٿيندين.)

ڍولي جواب ڏنو ته:

مارُوُ ماري ڍيلڙي، هُون تيمنو مور
ڀَرَڻيا تي ڏينهن ڀوڍي تان، چت ٿيا چڪور.

(اي مالوني! مارُوئڙن منهنجي ڍيلڙي آهي، ۽ آءٌ اُن جو ئي مور آهيان. شادي واري ڏينهن کان وٺي اسان جو من هڪ آهي.)

تنهن تي مالوڻي چيس ته:

ڀوڍو ڀلنگ ساهيبا، چڙهه سيوون هاٿ
رات ني رات ڀوڍي رهو، سڪي جاوَ جو ڀريات.

(ڍولا! هينئر تون ڀلنگ تي سمهي رهه، ۽ صبح جو سک سان هليو وڃج.)

تڏهن ڍولو چوڻ لڳو ته مون سانگوءَ سان انجام ڪيو آهي ته هينئر ئي هلنداسين جيئن سج اڀرئي کان اڳ هلي مارو سان ملون.

هوُن ڀريمي مارُوُ تڻو، مارو ڪليجي نيي ڪور
نيشتن ڀه جائيي ني پيتوُن، رَوي آڳمتي پور.

(آءٌ هاڻي مارو جوڳي آهيان، ۽ مارو مهنجي آهي. مون اهو ارادو ڪيو آهي ته سڄ اُڀرڻ کان اڳ، ۾ وڃي مارو سان ملندس.)

تڏهن مالوڻي چوڻ لڳس ته:

ڪاري اونداري راتڙي، وارَلڙي وِڪَٽ اپار
راڄَوڙي اڪيلا جَوائي نهين، اڪو پيراڻ آڌار.

(اي ڍولا! اڄ اونداهي رات آهي، تهنڪري وات ڀلجي ويندين. اڪيلو وڃڻ جان جوکي ۾ وجهڻ برابر آهي.)

۾ ڍولو چئي ته:

چور چاڪَرَ نسي ڀلو، راتلڙي ڀَمَتَ
ايڪ رات ۾ جائي ميلون، جو هوئان ساچو ڪَنَتَ.

(چور، چاڪر ۽ رات جو ڀڻڻ تيئي ڀلا آهن. جيڪڏهن سچو ڪانڌ آهيان ته رات وچ ۾ ئي وڃي مارؤل سان ملندس.)

مالوڻي سمجهي ورتي ته هاڻي ڍولو نه ترسندو، سو اُٺ کي چوڻ لڳي ته:

ڪوڙو ٿا نان ڪرَهيليا! ڪرو رَهي جاءِ
مارونی ميلوا جا ٿو، اڪي ڍولو راءِ.

(اي اٺ! تون منڊو ٿي وڃ. اهڙيءَ طرح جيئن مارو سان ملڻ وارو ڍولو وچ رستي ۾ رهجي وڃي.)

ڪوڙو ٿا نان ڪرَهيليا! نَربئي سيڇاوَيس تيل
بندا ويس اونڌي پونٿري، نيرا ويس
ناگَر ويل.

(اي اٺ! جيڪڏهن تون منڊو ٿي هلندين ته توکي جهو تيل ڏيندس، ۽ انداري ٻَهري ۾ ٻڌي ناگرويل چاريندس.)

وري مالوڻيءَ جي ساهيڙين اچي اٺ کي منٿ ڪئي ته:

مالونيءَ کي جڏهن اها خبر پيئي، تڏهن توڏي کي چوٽ لڳي ته:

ٻيهڇا ڪم نه ٻوليا، تون ڪم ٻوليي ٽوڏ
ٻيهڙي ٻانگا ٻاسڙي، ماٿو ڪاسي ڏروڏ.

(اي توڏا! ٻيا ڪُڇيائي ڪونه تو ڇو ٻوليو؟ تنهنجا هڏ ڪَڍ جدا ڪنديس، ۽ متو ڪانوَن کي اڇلائينديس.)

۽ اڻ مالونيءَ جي دڙڪي ڪان ڊنو ئي ڪونه. ڍولو ۽ متس ٻلاڻ ٻاڪڙو رکي ڍيت ڏانهن ٻري ٻيو.

ڪاڇيي ڪرَهو ٻلاڻيو، ڪونٿرَ ٻارا ويسَ
ڍولي منڙو هيريو، جاءِ مارو ري ڏيس.

(ڍولي ڪاڇي اٺ ٻلاڻيو ۽ ان کي سنجيو، ڍولي جي من چڪ ڏني آهي، هاڻي هو مارو جي ملڪ ڏي ٿو وڃي.)

اونيڙا اونٺاڙ، جائوون ٻونگل ٻوڇتان
تون مارگ وَٽاڙ، چڙهي جائون جهپٽي.

(اي اُٺن ۾ ٻهريندڙ اونٺاڙ! ٻونگل جو رستو ڏيکار ته ڪٿان واٽ وڃي ٿي.)

سامهين ٿوڻ ري جوڙ، ڪوئٿر ڪتسنو ٽهل
ڪپڙي
ڏائو مارگ ڇوڙ، جيمڻو ٻونگل جاوسي.

(سامهين وڏي ڏهري وڃي ٿي. ان جي موڙ وٽ وڇڻ سان ۾ رستا ايندا، ڏائي رستي کي ڇڏي مارگ وٺندين ته اهو ٻونگل ويندو.)

سائيي ٻانڪ را سوُنوٽتا، ٻينو ڏاوي هٿ
ڪا ٻونگل ري مارگي، ڪا چال هماري سٿ.

(ساون ڪنين وارا ڇنٽون! تون ڏائي هٿ تي ڇو وينو آهين؟ يا ته مون سان گڏ ٻونگل جي مارڳ تائين، يا ليت مون سان گڏ هلند ٻن.)

مين جاٺيو ڀاٺيان رو ڪرهو، جاسي جيسلمير،
جي هوئين ڍولي رو ڪرهو تو وري آئي گهير.

(مون ڀانيو، هي اُٺ ڀاٽين جو آهي، جو جيسلمير ڏانهن وڃي رهيو آهي. جيڪڏهن ڍولي جو اُٺ آهين ته وري آواڙي ۾ گهڙي ٻاٽي ٻيءَ ڍڙ ڪر.)

تون ڍولي رو ڪرهو، هُون ڍولي ري نار،
هُون آنگڻ ري ڏاسڙي، مارُ راجڪمار.

(تون ڍولي جو ڪرهو آهين ته آءٌ ماروئل ان جي اڱڻ جي ٻانهي آهيان.)

اُٺ کي مارُ جي سونٽي سيني ۾ سخت گهاءَ ڪيو هو، سو وري ڪاوڙ مان هيٺن ڪُرڪڻ لڳو ته:

ٻاٽي مَني نه ڀاوَسي، ٻونگل ري ڪُوئي،
آوَسَر وائي ڪانبڙِي، وِسرَ سي مُوئي.

(اي مارُوئل! هاٽي ٻونگل جي ڪوهه جو ٻاٽي ٻيڻ حرام آهي. اها تنهنجي سونٽي مون کي مري وڃڻ کان ٻوه وسرندي.)

مارُو ڏَڻ مُرڪو ڪيو، ڏيکي ڍولو ڪَنتُ،
چَهُون ڏَس چمڪو ٿيو، ڏاڙمَ لکيا ڏَنت.

(مارو ٻنهنجي ڪانڌ ڍولي کي ڏسي جڏهن کلڻ لڳي، تڏهن ان جو ڏاڙهون جهڙن ڏندن چٽني ڏِسين ڏانهن ٻجلي جهڙو چمڪاٽ ڪيو.)

ٿَر ٿُوهَرَ ڪيجهڙ گهڻا، اونڌو جَل آٿاهه،
ڍولو ٻُوڇي مارُوئل، اِتنو روپ ڪِتاه.

(ٿر ملڪ ۾ ٿوهرن جا ڪيجهڙ وڻ گهڻا، جتي کوهن جو ٻاٽي بلڪل هيٺ (کوهه اونهان) ڍولو ٿو مارُوئل کان ٻڇي ته تو ههڙو حسن ڪٿان آندو؟)

# صحتنامو

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| ١٦ | ١٣ | ھڪڙي ڪچھري | ھڪڙي ڏينھن ڪچھري |
| ١٨ | ١٨ | ڳالھ | ڳاھ |
| ٢٢ | ١٨ | تنھن | تيئن |
| ٢٢ | ٢٤ | جو | جي |
| ٢٣ | ٢١ | ڍول شھر | ڍول جي شھر |
| ٣٠ | ٢ | آيرندي | آيرندين |
| ٣٠ | ٢٠ ۽ ھن بعد | ميراسي | ميراثي |
| ٣٦ | ٩ | ڳي | ڪي |
| ٤٥ | ٢٠ | پوگل گيد | پنگل گيد |
| ٥٤ | ١٠ | راجا نل جو | راجا جو |
| ٩٠ | ١٤ | لڇڻ نوڪر | لڇڻ مان نوڪر |
| ٩٨ | ٩ | منگھار | مڱڻھار |
| ١٠٢ | ٩ | آٿ | آٿ |
| ١٠٨ | حاشيه | ڳالھ | ڳاھ |
| ١١١ | ١٧ ۽ ٢٠ | ڳانٺھ | ڳاھ |
| ١١٩ | ٩ ۽ ھن بعد | ڳانٺھ | ڳاھ |
| ١١٩ | ١٦ | اڪلائي | اڪيلائي |
| ١٢١ | ٦ | ڍوڏ | روڏ |
| ١٢٦ | ٧ | ڳانٺھون | ڳاھون |
| ١٢٦ | ٨ | ڳانھن | ڳاھن |
| ١٣١ | ٨ | "سالمڪمار" | "سالھڪمار" |
| ١٣٧ | ٢٤ | واھ | × |
| ١٣٨ | ٨ | چڏي | چڏيو |

Marwar and Gujrat. The 'story' is known in the southern and central parts of West Pakistan, and also in the adjacent Indian territories of Rajputana, Bikaner, Jesalmer, Jodhpur, Kachh and Gujrat. Its epicentre, as determined by the different versions, lies in the South-Western part of the Lower Indus Valley of Sind and the adjacent territories of Marwar.

The substance of the story (the early engagement and separation of Dhol and Maru and their later reunion after trials and tribulations) remains the same in all the versions, but they differ in subisdiary details, such as the nomenclature of personal and place names, the original home lands of the parents of Dhol and Maru and the circumstances bringing them together, the name and position of the crafty girl who ensnares Dhol, the way Maru succeeds in getting her messages across to Dhol, the way Dhol plans to leave by riding the swift-footed camel to meet Maru, and the name, position and plans of the local chief who tries to snatch away Maru from Dhol.

The appeal of the story lies, mainly, in the circumstances attending the initial marriage and the long separation between Dhol and Maru, the romantic messages of Maru depicting the details of her physical beauty and charm, and the role of the swift-footed camel who carries Dhol but suffers from the iron-nails pierced into its feet.

'Dhol-&-Maru' is predominantly a 'story' but it also contains some features of 'tale' whereby the animals (camel, donkey) and the birds (flamingo, swan) also speak. This indicates that as compared to the other 'Romantic Stories' this story is of an earlier origin.

University of Sind,
Hyderabad, Pakistan.
July 30, 1969.

N. A. BALOCH
*Director Folklore Project*

In substance, the story of Dhol-Maru runs as follows:
'The famine having stricken his lands, the king migrates to another country where he is received most cordially by the local ruler. Both then become friends, and when a son (Dhol) is born to the one and a daughter (Maru) to the other, they marry them when they are still children under the care of their parents. The guest king eventually returns to his own country, years roll by, the parents die, and the children (Dhol and Maru) grow up separately in their own countries. As Dhol attains youth, he is captivated by a crafty girl of his country who knows about his early marriage with Maru, and contrives to keep him absorbed so that he forgets all about her. But Maru does not forget Dhol and she sends him messages which apparently do not reach him. When Dhol fails to respond and Maru knows the reason, she sends him most affectionate messages telling him that she was no more the little girl he had seen long ago; now she was in the prime of her youth and a paragon of beauty.

These messages finally reach Dhol, and being moved by them, he decides to leave for Maru. A young swift-footed camel plays the important role of carrying him to her. The villain girl pierces iron nails into the camel's feet to prevent Dhol from reaching his destination; but on the way, Dhol discovers the camel's plight, takes out the nails and finally meets Maru.

Maru and Dhol pass some days together there, and when Dhol intends to return to his own country, a local chief attempts to snatch away Maru from him. This trial is but short-lived, and Dhol and Maru join together and return safely to Dhol's country. The design of the villain girl stands defeated and the two live together a happy life.'

Eleven differing versions of this story have been recorded, nine from the oral tradition current in the Hyderabad, Sanghar and Tharparkar districts of Sind region (W. Pakistan) and two from the printed sources which represent the tradition of the adjacent lands of

## PREFACE

This is the thirty-fifth book, in serial order, compiled under the Sindhi Adabi Board's Folklore and Literature Project, approved in 1956 for the collection, compilation and publication of Sindhi Folklore.

The work on the Project was started in January 1957, and the first two years were devoted mainly to the collection of the oral tradition and the written record. The oral tradition was reduced to writing through a net-work of field workers, one stationed in each *taluka* area. The compilation and publication work commenced from 1959. So far, 22 volumes have been published and this is the twenty-third of the forty volumes proposed to be published under this project.

A series of ten volumes (No. 28-No. 37)[1] under the project is planned to codify the more popular and time honoured 'Folk Stories'.[2] This volume containing the story of 'Dhol-and-Maru' is one of the seven volumes (No. 29-No. 35) of this series covering specifically the most popular stories with love and romance as their central theme. This is one of the romantic stories which gained popularity and came to be narrated by the professional bards and minstrels during the course of centuries. Some of its versions indicate the more developed form of 'artistic narration' wherein the prose style is vitalized with the introduction of *gahun* (rhymed verses)[3] and the narration is raised to the musical form of recitation-cum-singing.

---

1. With the discovery and accumulation of more information at a later stage, the earlier plan of seven volumes (No. 28 to No. 34), referred to in the 'Preface' to 'Vol. 34', was revised and extended to ten volumes.
2. As differentiated from 'Folk Tales' (see prefaces to Vols. 27 and 29).
3. For *gahun*, see preface to Vol. 27.

